# سنڌيون

سوره
ميرائي

عبدالجبار جوڻيجو

# سنڌيون

## (ڪلهوڙن جي دور وارن عالمن جو
## مذهبي ۽ اخلاقي ڪلام)

سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۱۹۶۲ع ۾
پيش ڪيل مونوگراف

مؤلف

**عبدالجبار جوڻيجو**

بي. اي. (آنرز)، ايم. اي. (گولڊ ميڊلسٽ)
ڊپلوما چيني زبان (پيڪنگ)
ليڪچرر، شعبہ سنڌي
سنڌ يونيورسٽي

ناشر

**ادارهٔ سنڌيات**
(انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي)
سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد سنڌ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇاپو پهريون
تعداد هڪ هزار

جنوري ١٩٧٠ع

قيمت
Rs 6-00

ملڻ جو هنڌ
ادارهٔ سنڌيات
(INSTITUTE OF SINDOLOGY)
سنڌ يونيورسٽي
حيدرآباد سنڌ

هي ڪتاب اعجاز محمد صديقي صاحب مئنيجر سنڌ يونيورسٽي پريس ۾ ڇاپيو، ۽ ادارهٔ سنڌيات، سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان، خواجه غلام علي الانا، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر شايع ڪيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | صفحو |
|---|---|
| شڪرگذاري | |
| تمهيد | ١ |
| تاريخي پس منظر | ٣ |
| لکڻ جو مقصد ۽ مضمون | ١٠ |
| نظم جي سٽاءَ ۽ هيئت | ١٦ |
| سرسري نظر | ٢٣ |
| اعليٰ پايي جا نظم نويس | ٣٦ |
| (الف) مخدوم ميان ابوالحسن | [illegible] |
| (ب) مخدوم ضياءُالدين | ٣٨ |
| (ج) مخدوم محمد هاشم | ٥٨ |
| (د) مخدوم عبدالله نرئي وارو | ٧٢ |
| (ث) مخدوم ميون عبدالرحيم | ٨٥ |

# شڪرگذاري

هن مقالي جي تياري مون پنهنجي استاد جناب علي نواز جتوئي صاحب جي رهبريءَ هيٺ ڪئي. جتوئي صاحب جنهن محنت ۽ محبت سان منهنجي رهبري ڪئي سا آءٌ وساري نٿو سگهان.

مقالو پريس ۾ وڃڻ کان اڳ جيڪڏهن قبله مولانا غلام مصطفیٰ قاسمي صاحب جي نظر مان نه گذري ها ته منجهس ڪي فاش غلطيون رهجي وڃن ها، تنهن ڪانسواءِ منهنجي رهنمائيءَ لاءِ مولانا صاحب جيڪي مشورا ڏنا تن لاءِ آءٌ سندس ٿورا مڃيان ٿو. مخدوم عبدالله جي بيان ۾ مون مولانا صاحب جي ڏنل معلومات جو اعتراف ڪيو آهي.

منهنجي استاد جناب غلام علي الانا، نه رڳو هن پيپر پر هر وقت منهنجي رهنمائي ۽ مدد ڪئي آهي. سندس معيي مان هي مقالو ڪتابي صورت ۾ اوهان جي هٿن ۾ پهتو آهي. ”ٿورا نه ٿورا، مونتي ماروئڙن جا“.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسيلر، جو ٽورو
مجيان ٿو جو هن صاحب انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ طرفان
منهنجي هن ڪتاب جي شايع ڪرڻ جي منظوري ڏني، ۽
رقم منظور ڪئي.

خير انديش | سنڌ يونيورسٽي
عبدالجبار جوڻيجو | ۲۵ جون ۱۹۶۹ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ناشر طرفان ٻه اکر

زنده قومون پنهنجي ادبي سرمايي کي جيءَ ۾ جاءِ ڏيندڙيون آهن ، ۽ ان کي وڏي قدر ۽ شان سان سموهينديون ۽ سانڍينديون آهن . هرڪا قوم ”اڄ“ ۽ ”ڪالهه“ جي پيٽ مان پيدا ٿي، ”سڀاڻي“ کي جنم ڏئي ٿي . جنهن قوم ”اڄ“ جي حالات ۽ ” ڪالهه “ جي تصور (تاريخ) کي اهميت ڏني ، اهائي قوم سڀاڻي سرهي ٿيندي . باقي جا قوم ”ڪالهه“ جي تصور کان غافل ۽ بي نياز رهندي آهي ، اها هڪ اهڙي سڪل ٻڌ وانگر آهي ، جنهن کي وقت ۽ حالات جا گردآلوده ته پنهنجيءَ آغوش ۾ ويڙهي، هستيءَ جي دنيا کان هزارين بلڪ لکين کوهه پري وڃي ٿا ڇڏين . انڪري ڪنهن به قوم جي صحتمند ۽ سالم ادب کي ئي ان قوم جي زندگي سڏيو ويندو آهي .

اسين قومي زندگيءَ جي حيثيت سان اڄ ڪهڙي موڙ تي بيٺل آهيون، تنهن لاءِ اسان جون ”اڄ“ جون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حالتون شاهد آهن. اسان وٽ پنهنجو صحتمند معاشرو آهي، اسان وٽ ادبي فڪرن ۽ رجحانن جي هڪ وسيع ۽ رنگارنگي دنيا آباد آهي، قديم ۽ جديد قدرن سان ڀرپور ادب ۽ تاريخ آهي. ليڪن انهيءَ سڀ ڪجهه هوندي به اسين پاڻ کي سڌريل ۽ ادبي حيثيت سان هڪ شاهوڪار قوم نٿا سمجهون. اهو انهيءَ ڪري جو اسان جهڙيءَ ريت "اڄ" جي حالتن تي توجهه نه ڏنو آهي، تهڙيءَ ريت "ڪالهه" جي حالتن ۽ واقعن تي به ڌيان نه ڏنو اٿئون. نتيجي طور اسان جي ادب جو تاريخي ۽ تحقيقي پهلو، جنهن کي ادبي عمارت جي پيڙهه چئجي، نسبتاً ڪمزور ٿي رهيو آهي.

سنڌي ادب کي مختلف صنفن سان مالا مال ڪرڻ ۽ سنڌ جي نوجوان طبقي ۾ تحقيق جو چاهه جاڳائڻ، سنڌيونيورسٽيءَ جي اداره سنڌيات (انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي) جي خاص مقصدن مان هڪ آهي. هن اداري جي مقصدن مان هڪ مقصد هي به آهي ته سنڌيونيورسٽيءَ جي مختلف شعبن ۾ ايم - اي ۽ پي - ايڇ - ڊي ڊگرين لاءِ پيش ڪيل مونوگراف ۽ مقالا ڇپايا وڃن. هن سلسلي ۾ اسان جون ڪوششون جاري آهن، ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي شعبي ۾ پيش ڪيل مونوگرافن مان هي ٽيون مونوگراف ڇپائي پڌرو ڪري رهيا آهيون.

مصنف هن ڪتاب جي مواد ۾، ڪجهه ڦيرڦار ڪئي آهي. نه فقط ايترو پر عنوان به بدلايو اٿس. اصلي مونوگراف جو عنوان هو ”ڪبت ڪلهوڙن جي دور ۾“، جو ڦيرائي ”سنڌيون“ رکيو اٿس.

ادارهٔ سنڌيات جو هي ڇوٿون ڪتاب آهي. هن ڪتاب جي اشاعت ڪان پوءِ اسين دعوا ڪري سگهون ٿا ته اسان سنڌي ڪتابن جي اشاعت جي ميدان ۾ هر سال اڳتي وڌي رهيا آهيون. اسان جي منشا آهي ته سنڌي زبان ۾ لکيل اعليٰ علمي ڪتاب ڇپائي، پڙهندڙن جي پياس پوري ڪريون.

حيدرآباد سنڌ

سيپٽمبر ١٩٦٩ع

سنڌي ٻوليءَ جو فدائي

**خواجه غلام علي الانا**

اسسٽنٽ ڊائريڪٽر

ادارهٔ سنڌيات

# تمهيد

هن مقالي ۾ بزرگن ۽ عالمن جي انهن نظمن تي بحث ڪيل آهي جن کي ”سنڌي“ سڏجي ٿو؛ جهڙوڪ: ”ابو الحسن جي سنڌي“ وغيره.

هتي ڪلهوڙن جي دور واري نظم جي آن حصي تي مفصل تبصرو ڪيو ويو آهي. سڄي مقالي کي پنجن بابن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرئين باب ۾ ملڪ جي تاريخ جو مختصر جائزو، ۽ ٺٽي جي علمي حلقن ۾ ”سنڌيءَ“ جي مقبوليت جو بيان ڪيو ويو آهي. ٻئي باب ۾ نظم لکڻ جي مقصد سان گڏ، آنجي مضمونن جي وضاحت ڪيل آهي. ٽئين باب ۾ نظم جي سٽاء ۽ هيئت تي چندوديا جي روشنيءَ ۾ بحث ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح چوٿين باب ۾ ڪلهوڙن جي دور جي نظم تي عام تبصرو ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ آن دوُر جي اوائل کان آخر تائين هڪ جائزو ورتل آهي. باهمي پيٽ ڪندي عام مشهور شاعرن کانسواءِ ضمني طور مئين عيسي،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبدالرؤف، مخدوم بگائي، مولوي محمد صلاح، علي اڪبر، عبدالسلام، محمد حسين ۽ عبدالخالق جو به بيان ڪيو ويو آهي. پنجين باب ۾ پنج مشهور نظم نويس ڪنيا ويا آهن. هن مقالي لاءِ مواد جي فراهميءَ جي سلسلي ۾ جن ڪتابن ۽ رسالن تان استفادو ڪيو ويو، يا جن‌جا حوالا جابجا حاشين ۾ نروار ڪيل آهن، تن جي فهرست آخر ۾ ڏنل آهي.

فقط

۱۸ اپريل ۱۹۶۲ع
حيدرآباد

عبدالجبار جوڻيجو

# تاريخي پس منظر

سنڌ جي ڪلهوڙن حاڪمن جو وڏو ڏاڏو، ميان آدم شاهه، جنهن کي سيد ميران محمد مهدي جونپوريءَ کان فيض مليو، سو، سري کان ٿيندو، چانڊڪي پرڳڻي جي هنڙي ڳوٺ ۾، گادي سينگاري اچي ويٺو، ۽ خلق جي ڏانهس رجوعات ٿي(١). ڪانئس پوءِ سندس پٽن ۽ پوٽن تائين به ڪنهن کي سنڌ جي حڪومت هٿ ڪرڻ جو خيال نه هو. پر ميان يارمحمد ڪلهوڙي جي تدبر سان سنڌ جي وچئين ڀاڱي تي، ١٧٠٠ع ۾، ڪلهوڙن جو قبضو ۽ تسلط قائم ٿيو.

اهو دور دهليءَ جي مغل حڪومت توڙي سنڌ لاءِ بي بندوبستگي ۽ عام افراتفريءَ جو دور هو، جنهن ۾ مغلن جو زور گهٽجي چڪو هو. سنڌ جي اترئين ڀاڱي تي دائود پوٽن جو راڄ قائم ٿي چڪو هو، پر تنهن هوندي

---

(١) مير علي قانع شير: ”تحفه الڪرام (سنڌي)“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٥٧ع، ص ٢٥٦

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سکر ۾ ٺٽي ۾ مغلن جا نواب موجود هئا(۱). "شاهه عالم از دلي تا پالم" واري چوڻي غلط نه هئي. جهاندار شاهه(۲) تخت نشين ٿيو ته اهو هڪ پيشه ور لال ڪنور جي نازبرداريءَ ۾ ئي مشغول رهيو، ۽ حڪومت جي معاملن کان بي خبر ۽ بي نياز رهيو.

ڪلهوڙا خاندان ۾، حقيقت ۾ ميان نور محمد ئي پهريون حاڪم هو جيڪو خود مختياريءَ جو پروانو حاصل ڪري، سنڌ تي حڪومت ڪرڻ لڳو. ڊاڪٽر سورلي، ميان نور محمد کي سنڌ جو پهريون حاڪم ليکي ٿو(۳). ڪلهوڙن جي حڪومت ارڙهين صديءَ جي اواخر ۾ مستحڪم ٿي. انهيءَ لحاظ سان ڪلهوڙن جي حڪومت جو عرصو ۱۷۱۹ع کان وٺي ۱۷۸۲ع تائين ليکبو. هن خاندان جو آخري حاڪم ميان عبدالنبي هو.

---

(۱) لطف الله بدوي: "تذڪره لطفي"، جلد ۱، ڇاپو ٻيو، آر- ايچ-احمد برادرس، حيدرآباد، ۵۵ - ۱۹۵٦ع، ص ۲۰۸
(۲) اعجازالحق قدوسي: "تذڪرهٔ صوفياءِ سنڌ (اردو)"، اردو اڪيڊمي، ڪراچي، ۱۹۵۹ع، ص ۱۳۸ - ۱۳۹.
(۳) Sorley H. T., Dr., "Shah Abdul Latif of Bhit", Oxford University Press, 1940, P.25 "They continued to survive as disturbing influence till the very end of eighteenth century". P. 25.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيري مريديءَ جو سلسلو جو سنڌ جي عوام، ميان آدم شاهه سان رکيو سو ميان عبدالنبيءَ تائين پهچندي پهچندي، خودبخود ختم ٿي ويو. ميان عبدالنبيءَ کان، مير فتح علي خان، ۱۷۸۲ع ۾، سنڌ جو ملڪ فتح ڪري ٽالپرن جي راڄ جو پايو وڌو(۱).

ڪلهوڙن جي دور حڪومت ۾، ٽر جي سوڍن شورشون ڪيون. مددخان پٺاڻ فتنہ انگيزي ۽ خونريزي ڪئي. پهرين ٺٽي جي مغل نواب ۽ ڪن مقامي زميندارن جي سازش سان حضرت شاه عنايت الله ميرانپوريءَ صوفيءَ جي شهادت جو واقعو (۱۷۱۸ع) ٿيو. هن دلگداز واقعي لاءِ ميان يار محمد به هڪ جوابدار هو. اهڙي قسم جا غير معمولي واقعا ۽ حادثا هڪ ملڪ جي تاريخ ۾ خاص اهميت رکندا آهن. انهن جو اثر ادب تي پوڻ لازمي آهي. مدد خان جي ڦرلٽ ۽ ڪاهه جو ردِ عمل سياسي طور هڪ جدا ڳالهه آهي. "مدد پوڻ" ۽ "گهوڙا گهوڙا ڪرڻ" جهڙا اصطلاح مدد خان جي ڦرلٽ جي ياد تازي ڪن ٿا.

(۱) هريجن راءِچند: "تاريخ ريگستان"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڪراچي، ۱۹۰۶ع، صفحو ۱۷۳ ۽ ۱۷۰

شاهہ عنايت جي شهادت جو پڙاڏو ، آنهيءَ زماني کان ونئي، هين زماني تائين، هر زنده دل انسان جي ڪنن ۾ گونججي رهيو آهي.

اِها نهايت دلچسپ ڳالهہ آهي جو اهڙين غير معمولي حالتن کان نئي جي عالمن ۽ طالبعلمن جو طبقو سراسرا بي خبر هو، ۽ پهلو تهيءَ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. اِهو اِنهي ڪري جو هن طبقي پنهنجو ڌيان رڳو پڙهڻ ۽ پڙهائڻ تي ئي ڏيڻ تي گهريو.

ٺٽو تہ شروعات کان ونئي هر دور ۾ علم جو گهوارو رهيو آهي. ڪلهوڙن جي دور ۾، عالمن جي حلقي ۾، عربي ۽ فارسي جو دؤر دورو هو. تصنيف ۽ تاليف، درس ۽ تدريس جو سڄو ڪم عربي ۽ فارسيءَ ۾ ئي ٿيندو هو. فارسي ارغونن جي دور کانوٺي سنڌ جي دفتري زبان رهندي ٿي آئي، جنهن کي اِهو درجو، ۽ اعلىٰ اعزاز انگريزن جي فتح (١٨٤٣ع) تائين حاصل رهيو. عربيءَ جي مقبوليت کي ڪنهن حد تائين ارغونن ڌڪ هنيو، پر تہ بہ عربيءَ کي عالمن ۽ فاضلن وٽ ديني لحاظ کان عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ٿي ويو، ۽ فارسيءَ تي بہ ترجيح ۽ شرف حاصل هوس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ هوندي به عالمن جو ڌيان پنهنجيءَ مادري زبان طرف به ڇڪيو هو. ”پارسي گهوڙي چاڙهسيءَ“ جي دور ۾ نئي تصنيف ۽ تاليف جو ڪم سنڌيءَ ۾ شروع ٿيو. پراڻي روايتي نظام ۾ هن تغير جا ٻه سبب هئا: هڪڙو سبب هي هو جو عالم ۽ فاضل آهستي آهستي سنڌيءَ جي اهميت محسوس ڪري رهيا هئا، فارسيءَ جي مسلسل درس تدريس ڪانپوءِ، هاڻي هنن مادري ٻوليءَ ڏانهن ڌيان ڏيڻ تي گهريو. ٻيو سبب انهيءَ سلسلي ۾ معاون ثابت ٿيو، جنهن جي نوعيت تبليغي قسم جي هئي. حضرت پير عبدالقادر جيلاني رحه جي اولاد مان حضرت شيخ يوسف‌الدين بغدادي(١) سنڌ ۾ تبليغ جي ارادي سان آيو، سندس تبليغ جي ڪري ڪيترائي ماڻهو مسلمان ٿيا. انهن جي تعليم ۽ تربيت، اسلامي اصولن ۽ شريعت جي سمجهاڻيءَ لاءِ ضروري هو ته ڪين سنڌيءَ(مادري زبان) ذريعي تعليم ملي. اسلامي اصول هو رڳو مادري ٻوليءَ ۾ ئي بخوبي سمجهي سگهن ها. بلڪل ساڳيءَ طرح سومرن جي دور کان وٺي اسماعيلي بزرگن

---

(١) ميمڻ محمد صديق: ”سنڌ جي ادبي تاريخ“، ڀاڱو پهريون، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد، سال ١٩٣٧ع، ص ١١٣.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ داعين پنهنجيءَ تبليغ کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ ۽ عام ماڻهن تائين پنهنجو نياپو پهچائڻ لاءِ، مادري زبان کي ئي موزون سمجهيو. اهڙيءَ طرح مخدوم ابوالحسن به انهيءَ نيڪ ڪم کي، وقت جي تقاضا ڄاڻي، پورو ڪيو. ١٧٠٠ع ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجو منظوم ڪتاب ”مقدمة الصلواة“ لکيائين. انهيءَ ڪتاب لکڻ لاءِ الف - ب ٺاهيائين جنهن لاءِ عربي زبان جي رسم الخط کي بنياد ڪري ورتائين. نج سنڌي آوازن لاءِ سنڌي صورتخطيءَ ۾ جيڪي حرف اڳ مقرر نه هئا، سي مقرر ڪيائين. هن سلسلي ۾ مخدوم ضياءُالدين ۽ سندس پياري شاگرد مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي مخدوم ابوالحسن جي پيروي ڪئي. پوءِ ته هن قسم جي نظم ۾ نه رڳو اهو مقصد خيال ۾ رکيو ويو، پر عالمن جدا جدا مسئلا هٿ ۾ ڪٺي، پنهنجيءَ طبع جون خوب جولانيون ڏيکاريون.

ايتريقدر جو ڪلهوڙن جي دور ۾ هن قسم جي نظم جو رواج عام ٿي ويو. انهيءَ تحريڪ جو محرڪ ابوالحسن هو. آن کان اڳ رڳو هڪڙو طويل نظم موجود هو، جنهن کي سنڌيءَ سان مناسبت آهي. اهو نظم پير محمد لکويءَ جو آهي. هي بزرگ ارغونن جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دؤر ۾ ٿي گذريو آهي. پير محمد لکوي ۽ مخدوم ابوالحسن جي وچ ۾، ٽيون ڪو ٻہ اهڙو نظم نويس معلوم ٿي نہ سگهيو آهي. مٿئين پس منظر ۾ جائزي ڪان پوء اسين هن نتيجي تي پهچون ٿا تہ مخدوم ابوالحسن ئي هن قسم جي شعر کي عام رواج ۾ آندو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# لکڻ جو مقصد ۽ مضمون

جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته هن قسم جو نظم لکڻ جو پهريون مقصد اِهو هو ته نَوْمسلمن جي تربيت ڪنهن بهتر ۽ مؤثر طريقي سان ٿي سگهي. هن دؤر ۾ رڳو شرعي ڳالهين جي سمجهاڻي ڏيڻ لاءِ ”سنڌيون“ لکيون ويون. فقط گرهوڙي صاحب جي نظم ۾ شريعت سان گڏ طريقت جا اهڃاڻ به ملن ٿا. تصوف جي چاشنيءَ سان بزرگ گرهوڙيءَ پنهنجي نظم کي وڌيڪ وڻندڙ بڻايو آهي، ڇو جو ڪلهوڙن جي دؤر جي پڇاڙيءَ تائين صوفيائي شعر کي عام مقبوليت حاصل ٿي چڪي هئي. ٻين سڀني نظم نويس عالمن— مخدوم ابوالحسن کان وٺي مخدوم عبدالخالق تائين— وٽ اهو مقصد پيش نظر هو ته اِسلامي اصولن جي سمجهاڻي سليس ۽ سهڻيءَ سنڌيءَ ۾ ڏجي، پر ايترو سو چئبو ته ٽالپور دؤر کانوٺي، موجوده وقت تائين، مداحيه ۽ عشقيه مضمون به هن قسم جي نظم ۾ شامل ٿي ويو آهي؛ پر ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ڪو اهڙو خارجي مضمون قبول

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو ويو هجي تنهن لاءِ ڪو مثال ڪونہ ٿو ملي. انهيءَ لحاظ سان ڇٻو تہ ڪلهوڙا دؤر ۾ ”سنڌي“ لکندڙن جي اڳيان هڪ مقصد هو. انهن سواءِ مقصديت وارن مضمونن ۽ موضوعن جي، ٻيا ڪي بہ عشقيہ مضمون وغيره اختيار نہ ڪيا، ۽ رڳو شريعت ۽ اُن سان واسطو رکندڙ ڳالهين جو بيان ڪيائون.

بنياد عام طور مذهبي نوعيت جي مضمونن تي پڌو ويو، ۽ پوءِ اها عمارت جڙي راس ٿي. ڪلهوڙا دور ۾ نظم جا جيڪي بہ مثال ملن ٿا تن ۾ شريعت جو چٽو بيان آهي. ايمان، عقائد ۽ شرعي مسئلن تي تفصيل سان روشني وڌي ويئي آهي. انهن مسئلن مان چند هي آهن: وضو ۽ نماز جي سمجهاڻي (ابوالحسن)، ڪلمو ۽ حج (ضياءُ الدين)، ترڪو (گرهوڙي) عام اسلامي اصول، فقه ۽ تفسير (محمد هاشم)، رسول ڪريم ص جن جي حيات ۽ عادات و اطوار وغيره (عبدالله ۽ عبدالسلام). اهڙيءَ طرح ٻيا بہ ڪيترائي ننڍا وڏا شرعي مسئلا ذڪر ڪيل نظم جي قالب ۾ آندا ويا آهن: جهڙوڪ: ذڪواة، روزو، خيرات، حرام ۽ حلال شيون، اخلاقي اقدار، ايمان جون صفتون، قبرستان ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃڻ، اولياءَ الله کان مرادون پنڻ، پرڻ وجهڻ، جادو ۽ ڪامڻ، ٽوٽا ڦيٽا، پوشاڪ ۽ تعليم و تربيت و غيره. مطلب ته ميان ابوالحسن کان وٺي، مئين عبدالرحيم تائين هن قسم جي نظم جي بازار گرم رهي. اِهو اتفاقي امر آهي ته ساڳيو دؤر سنڌي بيت جي به عروج جو دؤر ثابت ٿيو. هن طرز ۾ مداحون، مناجاتون ، معجزا ۽ مناقبا به چيا ويا. مخدوم عبدالرؤف ڀٽي(١٦٨٢-١٧٥٢ع) جيڪو مولودن جي ڪري وڏيڪ مشهور آهي، ، تنهن ڪن مداحن ۽ معجزن کي طويل نظم ۾ به منظوم ڪيو . ساڳئي دؤر ۾ ٻين به ڪيترن شاعرن رسول اڪرم صلعم جن جي حيات بابرڪات کي مضمون طور آندو ؛ تن ۾ ميون عيسو هالائي ، مخدوم غلام محمد ٻگائي ، مولوي محمد صلاح ٺٽوي قيصر وارو ، مولوي علي اڪبر ۽ مولوي عبدالسلام خاص طور قابل ذڪر آهن . اهڙيءَ طرح ڪيترن، شريعت جي سمجهاڻيءَ سان گڏ، رسول صلعم جن جي صفت ۽ ساراهه سان نظم کي سينگاريو ؛ تن ۾ مخدوم محمد هاشم ، مخدوم ابوالحسن، مخدوم ضياءُالدين ، مخدوم محمد ابراهيم ڀٽي ، مخدوم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبدالله ۽ مخدوم عبدالخالق جا نالا پيش پيش آهن(١). مڪمل عشقيه داستان ۽ قصا (٢)، ميرن ۽ انگريزن جي دؤر ۾ چيا ويا. انهن ۾ رمضان ڪنڀر جا ڪلمات مشهور آهن؛ جن ۾ عشق ۽ محبت جا لوازما به آندل آهن، ته رسول ڪريمؐ جو معجزو به بيان ڪيو ويو آهي. مثال طور رمضان ڪنڀر قصي ۾ هڪ هنڌ چوي ٿو - ع:

تنهن ٻانهيءَ اڳيون بادشاهه جي آندو احوالا،
ته تنهنجي دختر پاڻ فدا ڪيو مٿان مشتاقا،
وينا آهن وڻ هيٺان يگانا يڪجا،
پر ڪڏهن ڪيائون ڪونه ڪو هرگز حراما،
ڇنبي ٻره جي ڇڙور ڪئي جنهن ڪي سرت نه ڪا... الخ.

انهيءَ قصي ۾ معجزي جي سام به نهايت مؤثر ۽ سهڻي اسلوب ۾ رکيل آهي - ع:

---

(١) ارغونن جي دؤر جي شاعر مخدوم پير محمد لڪوي هڪ طويل نظم هن طرز تي لکيو آهي، جنهن ۾ صبا کي پيغام نيندڙ بنائي رسول ڪريم جن جي دربار ۾ عرض ۽ مناجات ڪئي اٿس. اهو پهريون مثال آهي ۽ پوءِ ابوالحسن ان جي پيروي ڪئي.

(٢) ڏوهيڙن ۾ وري منظوم قصا چيا ويا جن ۾ حفيظ تيوڻي جو 'موسل راڻو' ۽ مورڙي فقير جو سسئي پنهون، عام مشهور آهن.

چڙهيو حضرت هاشمي وٽي اصحابا ،
آڙد اصحابن سين چيدا چار چڙهيا ،
تي هڪل هرجاءِ تي ٿيو لوڙهه ڏڪا ،
آيو گهوٽ گنبذ وٽ سيد سردارا .

...... ...... ...... ....... ........

رمضان منگتو آهي سوالي سندو سردارا ،
مري ميڙي محمد مير جي سرڪي مقبولا ،
چئو صلواتون حضرت رسول تي دمدم درودا.

اها هڪڙي چيز "سنڌيءَ" کي "دو آتشه" ٿي ملي، جنهن ۾ عشق محبت جو بيان آهي پر ايترو چئبو ته هن ۾ وري مذهب جو عنصر غالب آهي. عشقيه مضمون وانگر مذاحيه مضمون به پوءِ آيو. مثال طور موجوده دور جو هڪ سگهڙ محمد صديق(١) چوي ٿو ـ ع:

اِها جڏهن آچوءَ کي خبر پيئي ڪن ،
گهت ڏنائين گهر ڏانهن منجهي ويس من ،

---

(١) محمد صديق ولد محمد رمضان جوڻيجو، هن وقت عمر ٤٨ سال اٿس. قرآن شريف ۽ نور نامي کان سواءِ ٻيءِ ڪا باقاعدي تعليم مليل نه اٿس؛ ڪيترائي مولود، غزل، ۽ مذاحيه نظم چيا اٿس، جن ۾ ڪاري ڏڳي سان جهيڙو وڏيڪ مشهور آهي. ڳوٺ پير فتح شاه تعلقي بدين ۾ مسجد جو پيش امام آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيت جي ٻولي تي ڪنيائين ڪهاڙي جوڳن،
ڪاچيل نڪري ڪوڙ ڪئين، ويجهو ٿيو وٽن،
سُرندي آيو سارين مان، جتي وڏا هئا پن ... الخ.

هيڙن تفريحي موضوعن ۽ مضمونن جي برعڪس ڪلهوڙن جي دؤر ۾ اهي طويل نظم رڳو شريعت جي مضمون سان سينگاريل هئا. پوئين دور وانگر ڪلهوڙن جي دور ۾ ڪو به نج تفريحي، مزاحيه ۽ عشقيه مضمون هن نظم ۾ داخل نه ٿيو. اها ڪلهوڙن جي دور واري نظم جي علحدي خوبي آهي، ۽ اها خوبي آهي: مقصديت، سنجيدگي ۽ متانت؛ ايستائين جو گرهوڙي صاحب ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن تصوف ۽ طريقت ڪي به نه آندو.

بيتن ۽ واين ۾ شاهه عبداللطيف، روحل صوفي ۽ سلطان الاوليا خواجه محمد زمان وغيره طريقت ڪي توريو، ته ابوالحسن ۽ ٻين عالمن شريعت جي اپٽار ڪئي، ۽ شريعت جي سمجهاڻي ڏني. اِهوئي بنيادي مقصد ڪلهوڙن جي دؤر جي عالمن جي اڳيان هو؛ اِهو مقصد ۽ ڪارج بلڪل خوبيءَ ۽ ڪاميابيءَ سان پورو ڪيو ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نظم جي سٽا ۽ هيئت

ڪن محققن هن قسم جي طويل نظمن کي ڪبت به سڏيو آهي (١). عام طور هن صنف کي ”سنڌي“ سڏيو ويندو آهي. ’ڪبت‘ اصل سنسڪرت لفظ ڪـوَ ’KAV‘ مان نڪتل آهي(٢) هي طويل نظم آهي جو مسلسل ۽ يڪي قافيي تي ٻڌل هوندو آهي. هن جو قافيو الف اشباع ’و‘ ’ن‘ ۽ ’آن‘ وغيره هوندو آهي. بيت جون مصراعون محدود هونديون آهن، پر هن طويل نظم لاءِ اهڙو قيد نہ آهي هن ۾ مصرعن جو تعداد ويهن پنجويهن کان هزارن تائين نظر اچي ٿو. ڪٿي ڪٿي پنجن ڇهن مصرعن تي قافيو بدلبو رهيو آهي، تہ ڪٿي سوين مصراعون هڪ قافيي تي قائم ٿيل آهن. ڏوهيڙي (دوهره- دوها)

---

(١) موسوي عبدالحسين ۽ عباسي محمد ابراهيم: ”سرهاڻ“، سنڌ پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، ١٩٥٨ع، ص ٦١ ص ٦٤-

(٢) RAO, V. N., “Classical Hindi Poetry and music”, Pioneer Press, Allahabad, 1922, P,110,

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وانگر هي ٻه ڇند وديا تي ٻڌل آهي (١). جنهن ۾ وري سنگيت ۾ تال جو وڏو دخل آهي. ماترائن جي تعداد جي لحاظ کان ڪيترائي تال ٻنجن ٿا. ڪي ڏهن ماترائن جا ته ڪي ٻارهن ماترائن جا ٿين ٿا. ڪي مشهور تال هي آهن: تين تال، جهپ تال جهومراتال، ايڪ تال، آڙه چوٰ تال ۽ ڌمار وغيره. ماترا برابر آهي طبلي يا پکواز تي هڪ چوٽ هڻڻ جي. مثال طور: هيٺ ڏنل ماترائون ڏهه آواز ڏيکارين ٿيون: ڌن ڌن ڌن نا، ڌن ڌن ڌن نا، ڌن نا.

دوهو، جو پوءِ ڏوهيڙو ٿيو، سوهنديءَ يا اتر هندستان جي ٻوليءَ (برج) مان آيو. دوهو يعني ٻن سٽن وارو شعر. هن جو بنياد ٻه ڇند وديا تي آهي.

ڪيترن ئي مختلف ڇندن ڪي عالمن ۽ مهاڪوين مختلف نالا ڏنا آهن. انهن مان ڪن مقبول ڇندن جي ٻيهڪ ۽ سناء توڙي سمجهاڻي مثالن سان هنريت آهي: ڪي

دوها ڇند :- هن ۾ قافيا ٻنهي سٽن جي پڇاڙيءَ ۾ ايندا آهن. هر سٽ ۾ ٻه اڌ ٿيندا آهن، جن مان هرهڪ کي

---

(١) ٻاوناٿي جهمٽ مل: "ڇند سگند"، هندو پرنٽنگ پريس، اجمير، ١٩٥٣ع، ص ص ٥-٦، ٢٩-٣٣

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چرڻ ڇهبو آهي. هيٺ ڏنل خاڪي ۾ قافيا X نشان وٽ
ٻئي ۽ چوٿين چرڻ ۾ اچن ٿا. انگ، ماترائن جو تعداد
ڏيکاري ٿو.

| | |
|---|---|
| ١٣ | ١١ |
| ———————————— ، | ————————————X |
| ———————————— ، | ————————————X |
| ١٣ | ١١ |

مثال: (الف)

نينهن نياپي نہ ٿئي، سڌئين سيڻ نہ هوُن،
ڪارئين راتئين رت ڦڙا، جان جان نيڻ نہ روُن.

(شاهہ ڪريم)

(ب)

ساجن ميرا ايڪ هئي، دوجا ڪرون نہ ڪوءِ،
دوجا ساجن تب ڪرون، جب ڪل دوجي هوءِ.

(ڪبير)

مٿي ڏنل ٻن مثالن مان هي ظاهر آهي تہ دوهي
۾ قافيا ٻئي ۽ چوٿين چرڻ ۾ اچن ٿا. دوهي جي آبتڙ
"سورٺي" ۾ وري، قافيا پهرئين ۽ ٽئين چرڻ ۾ اچن ٿا:
سورٺي جو نقشو هي آهي:

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سورٺا ڇند

١١ ——————— × ——————— ١٣ ،
١١ ——————— × ——————— ١٣ .

مثال: ايڪ قصر در لک، ڪوڙين ڪنس ڳڙ ڪيون،
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن سڄڻ سامهون.

انهن ٻنهي ڇندن جو ميل هڪ نئين تشڪيل وٺي ، دوها ـ سورٺا ميل سڏجڻ ۾ آيو :

١٣ ——————— ، ——————— × ١١
١١ ——————— × ——————— ١٣ .

هن ۾ پهرين سٽ دوهي جي آهي، ۽ ٻي سٽ سورٺي جي. هڙيءَ ريت سنڌي شاعرن انهن هيئتن ۾ گهڻي جدت ڏيکاري . هنن وٽ هيئت جو پيمانو محدود نه رهيو، تنهنڪري ڪيترائي نوان ڇند به آزمايائون. اهڙن ڇندن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا :-

سورٺا — دوها — سورٺا ميل

نه ڪو خبر نه خواب ، نه ڪو اوني آئيو ،
هتان جو هت ڪنهن ، ڏنو ڪو نه جواب ،
هميرن حساب ، ڪوهه ڇاڻان ڪيئن ٿيو؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن وري دوهي جي ٽن سٽن ڪانپوءِ، هڪ سٽ سورٺي جي ڪم آندي، ته هينئن هيئت وجي بيٺي:

ڏيڍو دوها ۽ سورٺا ميل

________ ، ________ ×
________ ، ________ ×
________ ، ________ ×
________ × ________ .

اهڙيءَ طرح سٽن جو تعداد وڌڻ ڪري، اهو پيمانو محدود نه رهيو، ۽ نيون نيون هيئتون بڻجي پيون. شاهه جي رسالي ۾ آيل ڪاپائتيءَ جي مت، جنهن لاءِ ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو:- ”فارسي مسمط جي طرز تي چيل آهي، تنهنڪري ڏاريون ڪلام آهي (١)“، ۽ جنهن مت کي ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم، حافظ پنيل جي تصنيف ليکيو آهي، سا ”مت“ حقيقت ۾ ڇند جي هڪ صنف آهي (٢). ”مت“ هندوستان جي ڪيترن ئي شاعرن چئي

(١) گربخشاڻي، ايڇ. ايم: ”شاهه جو رسالو“، جلد ١، ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي، ١٩٢٣ع، ص ١٦٦

(٢) ڀاوناڻي جهمٽ مل: ”ڍولا مارو“. هندوستان ساهتيه مالا، بمبئي، ١٩٥٦ع، ص ص ٧٠

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جهڙوڪ: ملڪ محمد جائسي، تلسيداس، اميرخسرو، حضرت گيسو دراز، وَجِنهي ۽ ڪبير وغيره (١).

مٿيون آهي چند صنفون آهن، جن جو خاص طور ذوهيڙي سان واسطو آهي. هنديءَ ۾ پيون به انيڪ صنفون آهن، جن مان دِڪپال چند، چؤپائي چند، ارڌالي چوُپائي، مالتي، چندرايڻ چند ۽ ات بروا وغيره. انهن مان ات بروا، چندرايڻ ۽ دڪپال چند تي هن قسم جا طويل نظم بيٺل آهن. هندي شاعرن به انهن ئي چندن ۾ مسلسل قافين وارا نظم چيا آهن (2). وزن توڙي سٽاء جي لحاظ کان مذڪور سنڌي نظم جو تعلق به چندرايڻ، ات بروا ۽ دڪپال چند سان آهي. هنن چندن ۽ دوها چند ۾ گهڻو تفاوت آهي. دوهي جي ماترائن جي سمجهاڻي، چند جي عالمن نهايت سهڻي نموني ڏني آهي. هر ڊگهي آواز ۾ ٻه، ۽ هر ننڍي آواز ۾ هڪڙي ماترا ليکي اٿن. مثال طور، 'S' نشاني ٻن ماترائن لاء آهي، ۽ '1' نشاني هڪ ماترا لاء آهي.

---

(1) Rao, V. N., "Classical Hindi Poetry and music", Pioneer press, Allahabad, 1922,P.111

(2) Ibid.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1S 11S SS S 1S 11S SS
سائي صورت عين کي، سائي صورت غين،
1S S 1S 1S S 1 1S S11 111
سمن نقطا دور ڪرو، اوءِ عين کي عين.

مٿين دوهي جي پهرين مصرع ۾ 'S' نشان وارا ڪل ۹ پد آهن، جن جون ۹×۲=۱۸ ماترائون ٿين ٿيون، ۽ ساڳيءَ مصرع ۾ '1' نشان وارا ڪل ٦ پد آهن. انهيءَ حساب سان سڄيءَ مصرع ۾ ۱۸+٦=۲۴ ماترائون ٿيون. اهڙي وزن کي دوهي جو وزن چئبو. پهرينءَ مصرع جي پهرئين چرڻ جي ماترائن جو جوڙ ۱۳، ۽ ٻئي چرڻ جي ماترائن جو جوڙ ۱۱ ٿيو. چند رايڻ ۽ ات بروا، جيڪي ڪبت جا چند آهن تن ۾ هر سٽ ۾ ۲۱ ماترائون ٿين ٿيون، پر ٻنهي جي چرڻن جي ماترائن ۾ فرق هوندو آهي، چندرايڻ جي مصرع جي پهرئين چرڻ ۾ ۱۱، ۽ ٻئي ۾ ۱۰ ماترائون ٿينديون آهن. ماترائن جي ڪل تعداد ۾ هي ٻئي چند هڪ جهڙا آهن. پر اتبروا جي پهرئين چرڻ ۾ ۲۱ ۽ ٻئي چرڻ ۾ ۹ ماترائون ٿينديون آهن. چندرايڻ چند جي مثال لاءِ گرهوڙي صاحب جي "سنڌيءَ" جي مصرع کي ڏسون ٿا:

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

S   1S   SS1   S   S1 1S   1S

اسم ساڻ الله جي، سيڻي توک ڏيا.

———————— ————————

١٠   +   ١١

ڇند رايڻ ڇند جي ماترائن کان دکپال ڇند جي ماترائن (٢١ + ٢١) ۾ فرق آهي. اُن ڪري آهو دوهي لاءِ موزون آهي. ڀر ڪي طويل نظم (مثال لاءِ مولوي محمد صلاح الدين جي 'سنڌي') دکپال ڇند ۾ به آهن. جتي سنڌي عالمن 'قرآن شريف'، 'حديث' ۽ 'قصيدي برده' مان حوالا ڏنا آهن، آتي وزن مقرر حد کان وڌي ويو آهي، نه ته ٻيءَ حالت ۾ وزن مقرر ڪيل ڇندن تي پورو بيهي ٿو.

sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

# سرسري نظم

هن قسم جي نظم جي شروعات، مخدوم ابوالحسن جي ڪتاب 'مقدمه الصلواة' سان ٿي. هن باب ۾ اسان کي ڏسڻو آهي ته شروعاتي نظم ڪهڙي پايي تي آهي، ۽ ڪلهوڙن جي دور ۾ لکيل پين "سنڌين" جو علم و ادب ۾ ڪهڙو درجو آهي؟

هن دور جي مختلف "سنڌين" جي فني تجزئي ۽ باهمي مشابهت مان جو نتيجو ظاهر ٿئي ٿو سو هي آهي ته اوائلي دور کان آخري دور جون سنڌيون' مضمون آفرينيءَ توڙي سٽاءَ جي لحاظ کان پختيون ۽ معياري آهن. مخدوم ابوالحسن پنهنجو ڪتاب مقدمه الصلواة ١٧٠٠ع ۾ لکيو. اِهو ڪتاب ئي هن قسم جي تاريخ ۾ سنگ ـ ميل جي حيثيت رکي ٿو. اُن سان ئي سنڌ ۾ اهو عام رواج پيو. هن صاحب جي پيش نظر اهو مقصد هو ته شريعت جي سمجهاڻي سليس سنڌيءَ ۾ ڏني وڃي. پنهنجي نظم ۾ شعر و شاعريءَ جا لوازما، شاعرائيون خوبيون ۽ وزن جي بندش قائم رکڻ جو خيال ڪونه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوس . اهوئي سبب آهي جو سندس تصنيف ۾ نہ ادبي زبان آهي ، نہ لفظي صنعتون آهن ، ۽ نہ وري سندس نظم سنڌ جي لحاظ کان کو اعليٰ پايي جو آهي.

مخدوم ابوالحسن جي مقابلي ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي رسالن، ذبح شڪار، زادالفقير ۽ مخدوم عبدالله جي ڪتاب، قمرالمنير وارو نظم، اسلوب توڙي سنڌ جي لحاظ کان اعليٰ معيار وارو آهي. اهڙيءَ طرح مخدوم غلام محمد ٻگائي (١) ۽ مولوي محمد صلاح (٢) جون سنڌيون بندش ۾ چُستي، رنگين بيانيءَ ۽ مضمون جي گوناگونيءَ جي ڪري بلند پايي جون آهن. مخدوم ابوالحسن جي نظم ۾ وزن جي ڏَڏَ جو مثال هيٺ ڏجي ٿو ـــ ع

پير جيلي جي ڇيٽ ڪنان، ننهن ڪي لاهي ،
ڏائي پير جي ڇيٽ ، آتي نيئي پهچائي ،
شرح ۾ مشڪواة جي ، ائين فرمائي ۰۰۰۰ الخ .

---

(١) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: "معجزا"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٦٠ع. مخدوم محمد ٻگائي، ميان نور محمد ڪلهوڙي (١٧١٩ - ١٧٥٣ع) جي وقت ۾ زنده هو.

(٢) ايضا: "مناقبا"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ص٨٢، ١٩٦٠. مولوي محمد صلاح بن محمد عارف، ٺٽائي جو همعصر هو. سندس سڪونت ٺٽڊي قيصر ۾ هئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چندراين ، دکپال ۽ ات بروا چند، جن جو ذکر نظم جي سناء جي سلسلي ۾ ڪري آيا آهيون ، تن مان ڪنهن تي به هنن مصراعن جو وزن نٿو بيهي ، ۽ دوها چند تي به پورو نه آهي. ليڪ ڏنل چرڻ جو وزن اٺن ماترائن ۾ آهي ، جيڪو هن قسم جي نظم جي ڪنهن به چند جو نه آهي . اِن مان اسان جو مقصد اهو نه آهي ته ابوالحسن جي سچي نظم کي وزن جي ڪري غير موزون ۽ گرگلو سڏيون . گهٽي يا گهٽي سندس نظم وزن جي مقرر ڪيل پيماني تي آهي. پختي نظم جي مثال لاء مولوي محمد صلاح جي ڪلام مان هڪ ٽڪرو ڏجي ٿو:

وڄي نوبت نبي جام جي ، آيو احمدا ،
پيڪي پيڙ بهادري ، خاتم خيرالوريٰ ،
گوهر گجرن ڳائيو ، چوڏس چڱائيا ،
قريشيءَ جي ڪچهرئين ، پيئي پچارا ،
راهوءَ سندي رهائين ، ورتي ورونها .
هاشميءَ جو هل ٿيو ، منجهه ملڪن مشهورا... الخ
(دوها چند ١٣ + ١١)

جيتوڻيڪ هن ۾ مختلف مصراعن جو وزن مختلف

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي پر عام طرح ڳاهي نظم پختو آهي. سڄي مصرع موزون آهي. ڪيترن شاعرن دڪپال ڇند ڪي ڇڏي دوها ڇند ۾ به ڪلام چيو آهي.

مخدوم غلام محمد بگائيءَ جا ڪبت جي طرز تي چيل 'معجزا' نه رڳو تخيل، اسلوب ۽ مضمون آفرينيءَ جي ڪري اعليٰ معيار جا آهن، پر وزن تي به پورا ۽ بندش ۾ چست آهن. مثال طور-ع:

ڪامل هوس ڪليم وٽ، اڪثر ايامَا،
دل هئي دائود سان، منهنجي مرغوبا،
صحبت سليمان سان، تيم نعمت نصيبا،
الفت عيسيٰ سان هئي، مونکي محمدا،
مڙني مرسلن سان، ڪيم ويهي ورونها،
تن سڀني ڪان مون سُئي، تنهنجي تعريفا،
سڀ سگهندا هئا توکي، ساريندا صحيحا،
مشرق مغرب ملڪ جو، ڪيم سير مردارا... الخ.

مخدوم بگائيءَ جو نظم بندش جي لحاظ کان مڪمل پختو آهي. لفظن جي جڙت، شستہ زبان ۽ تجنيس حرفيءَ جي صحيح استعمال ڪري، اعليٰ پايي جي نظمن جي زمري ۾ اچي ٿو. مخدوم بگائيءَ وانگر

مولوي محمد صلاح بہ رسول ڪريم صلعم جن جي صفت ۾ ماراهہ لاءِ هن قسم جي نظم جو سهارو ورتو. معلوم ٿو ٿئي تہ هن پنهنجي همعصر نظم نويسن جو چڱيءَ طرح مطالعو ڪيو هو. اُن ڪري نہ رڳو سنڌي نظم ۾ پختگي آئي، پر خيالات ۾ بہ وسعت ۽ هم آهنگي پيدا ٿي. بگائي توڙي محمد صلاح جي انداز بيان ۽ اسلوب ۾ جدت ۽ جوش آهي. سنڌي نظم ۾ ادبي ۽ مروج زبان ملي ٿي، جا مخدوم ابوالحسن ۽ مخدوم ضياءالدين جي زبان کان وڌيڪ فصيح آهي. رسول پاڪ جي صفت جيڪا هنن منظوم ڪئي آهي، تنهن ڪي سهڻيون تشبيهون ۽ موءثر استعارن سان سينگاري پيش ڪيو اٿس. بلاغت ۽ فصاحت جي ڪري نسبتا هن نظم کان رندي ڪلامن ۽ بيتن ۾ رس جس وڌيڪ آهي. جيئن صوفيائي شاعري کي عام قبوليت جو درجو حاصل ٿيو، تيئن عالمن، طالبعلمن ۽ پڙهڻ پڙهائڻ وارن وٽ وري ”سنڌين“ کي اهمت ملي، ۽ ”سنڌيءَ“ جي مشهوري اسلامي مدرسن جي دائري کان ٻاهر بہ چڱي ٿي. مذهبي خيالات رکڻ وارن جي حلقي ۾ هن جو چرچو عام ٿي ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي پياري شاگرد ۽ مريد عبدالخالق به استاد جي ارشاد سان سنڌيءَ ۾ پنهنجو منظوم ڪتاب، مطلوب المومنين ، ١٧٢٣ع ۾ تصنيف ڪيو، جو مخدوم محمد هاشم ڪيس صحيح ڪري ڏنو (١).

هن ”سنڌيءَ“ ۾ عبدالخالق آهي اخلاق ۽ عمل بيان ڪيا آهن ، جيڪي پورا ڪرڻ لاءِ قرآن مجيد ۽ حديث شريف جو حڪم آهي. انهن عملن ۾ فرض ، واجب ، سنتون ۽ مستحب اچي وڃن ٿا. مخدوم محمدهاشم ’ فرائض الاسلام‘ ۾ رڳو آهي عمل بيان ڪيا آهن، جيڪي شريعت موجب لازم ٿين ٿا. اِنهيءَ بنياد تي ’مطلوب المومنين‘ کي ’ فرائض الاسلام‘ جو تڪملو چئجي ته صحيح ٿيندو. اِنهيءَ سان گڏ عبدالخالق امر ۽ منع ٿيل عملن جو بيان جدا به ڪيو آهي.

ڪن شاعرن ٽن يا چئن مصراعن کان پوءِ قافيو بدلايو آهي. عبدالخالق به ڪن هنڌن ائين ڪيو آهي. اسانجي خيال ۾ هن قسم جي نظم ۾ ’ڪامل‘ ان

---

(١) ميمڻ محمد صديق : ” سنڌ جي ادبي تاريخ“، جلد پهريون ، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد، ١٩٣٧ع ، ص ١٩١

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي چئجي جنهن جو شروع وارو قافيو جيڪڏهن آخر تائين نہ هلي، تہ بہ ويهن مصراعن تائين تہ ضرور هلي. مخدوم ضياءالدين جي نظم کي بہ 'ڪامل' چئي نٿو سگهجي. 'ڪامل' نظم جي سلسلي ۾ مخدوم محمد هاشم جي'فرائض الاسلام'، مخدوم محمد عبدالله جي 'ڪنزالعبرت' ۽ 'قمرالمنير'؛ ۽ مولوي محمدحسين جي 'سير بستان'(١) جا نالا سرِ فهرست اچن ٿا. اهي سڀ ڪتاب اول کان آخر تائين يڪي هڪڙي قافيي تي آهن، رڳو فرائض الاسلام ۾ ٻارهن هزار مصراعن مان فقط ڏيڍ بہ سو مصراعون ڌار قافيي تي آهن. سيرِ بستان بہ ڪامل نظم جو سهڻو مثال آهي. مٿي مقرر ڪيل معيار موجب ڪامل نظم جا ٻيا ڪي مثال ڏورا لهندا.

گرهوڙي صاحب وري هر مضمون کي جنهن قافيي تي ڪنيو آهي، ان تي ئي پورو ڪيو آهي. مثال طور 'حقيتِ محمدي' واري سنڌي هڪ قافيي تي

---

(١) مولوي محمد حسين: "سير بستان" ١٢٦٣ع ۾ تصنيف ڪيو. هي ڪتاب' قصص الانبيا' جي نالي سان سنڌ ۾ عام طور مشهور آهي، ۽ يڪي قافيي 'آ' تي ٻڌل آهي. ڏسو: محمد صديق ميمڻ: سنڌ جي ادبي تاريخ"، جلد ٻهريون، ص ٣٠٨

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ 'عقائد' واري سنڌي ۾ بہ قافيي تي؛ اهڙيءَ طرح تفسيرن جي سمجهاڻي (١) وري علحدي قافيي تي رکي اٿس. مضمون جي وچ تي ڪٿي بہ قافيو نہ بدلايو اٿس. مولوي عبدالسلام جو ڪتاب 'شمائل نبوي' (تصنيف ١١٩٧هه)، جيڪو هن طرز تي رسول ڪريم جن جي صورت ۽ سيرت جي بيان ۾ آهي، سو بہ ڪامل نظم جي زمري ۾ اچي ٿو، ۽ مولوي علي اڪبر پنهنجي ڪتاب 'حصص الاموال و بخل الاموال' (تصنيف ١٧٤٨ع) ۾ خيرات، فطري ۽ ذڪواة جو بيان ڪيو آهي. مولوي عبدالسلام ۽ مولوي علي اڪبر جي "سنڌين" ۾ جيتري پختگي ۽ مضمون آفريني آهي، اوترو ئي مخدوم محمدابراهيم ٺٽويءَ (ولادت ١٦٩٠ع) جي "سنڌيءَ" ۾ وزن جا ڏڏ، غيرواضح ۽ مبهم سمجهاڻيون آهن.

مخدوم عبدالرؤف ڀٽي (١٦٨٢ - ١٧٥٢ع)، جنهن جو موزون ڪلام مولودن جي صورت ۾ گهڻو ئي مشهور ۽ عام آهي، تنهن هن طرز تي ڪي مناقبا بہ چيا آهن. هڪڙو مشهور معجزو بہ چيو اٿس، آن مان

---

(١) رڳو هر سوره جي تفسير بعد نئين سوره جو تفسير نئين قافيي تي آندو اٿس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مندس نظم جي پختگي ظاهر ٿئي ٿي — ع

مينهن وڏائونس سنڌي ۾، ور ڏيو ڪي وارن،
تان قدرت ساڻ ڪريم جي، ترڪيس پير ترڻ،
اُلٽي پيئي آب ۾، ڪري تان ڪپڻ،
ڪيڏي مٿو ٻاهر ٿي، ديکي سان ديدن،
موڙهو منجهي عورت سان، مثل ٿيو مردن،
ڪرشو ڏنائين ڪپ تي، آهي وڻ وطن ...الخ.

هي قصو هڪ ڪافر جي بيان ۾ آهي، جيڪو سنڌ ۾ عام مشهور ۽ مقبول آهي. اهو قصو مختصر هيئن آهي: هڪڙو ڪافر، پنهنجي زال کي طعام تيار ڪرڻ لاءِ چئي، ڪرشو کڻي، درياءَ تي وهنجڻ لاءِ ويو. هو اوچتو پاڻيءَ ۾ ڪري پيو، ۽ عورت بڻجي پيو، ۽ ٻئي هنڌان وڃي نڪتو. اُتي ساڻس هڪ سوداگر شادي ڪئي. ان مان ڪيس ست پٽ ڄاوا. هڪڙي ڏينهن هو وري درياءَ تي وهنجڻ جي خيال کان آيو. تنهن هڻ سان وري پنهنجي ڳوٺ واري تڙ تان مرد جي روپ ۾ نڪتو. هن ڏٺو ته سندس ڪرشو به ڪپ تي پيو آهي. ڪرشو کڻي گهر آيو. زالس چيس ته "جلدي موٽي آئين؟" آءٌ ته اڃا ماهه پيئي ٻاربان."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن قصي ڪي عبدالروف نهايت خوبيءَ سان، روان ۽ شسته زبان ، ۽ موزون تشبيهن سان بيان ڪيو آهي.

اهڙيءَ طرح ميون عيسو هالائي ، جيڪو ڪلهوڙن جي اوائلي دور جو شاعر هو، تنهن رسالي جي بيتن سان گڏ هن طرز ۾ به ڪجهه شعر چيو آهي. رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ عرض ڪندي چوي ٿو ته:

آهيم آسرو اوهانجو، وسيلا ولهن ،
ترهو موڪل تڪڙو، مڇڻ وجان وِيرن ،
تنهنجي ترهي توهه سان ، بچان ڪان بحرن ،
آهيان مفلس نڪٽو، پالهو ثوابن ،
عيسيٰ ڪي احسان سين ، بچائي ڪان بحرن ،
جيڪي يار عزيز مون ، تنيهين ساڻ سين ،
هوتائي حضور ۾ ، هيڪاندا هجن .

جيئن ڏوهيڙي ، بيت ، لوڙائو ۽ ڪافيءَ ڪي نغمگي ۽ موسيقيت آهي ، تيئن هن قسم جي نظم ۾ جا موسيقيت آهي ، انجو مزاح منفرد ۽ علحدو آهي .

هن ۾ عشقيه مضمون آئجي يا مذهبي، مخدوم محمد هاشم جون عالماڻيون سمجهاڻيون هجن يا مخدوم عبدالروف

جون آزيون نيزاريون ۽ محمد شريف جي 'ملڪي سنڌي' هجي يا مٺين عيسي جي مداح ۽ نغمگيءَ جي ڪري ، هر حالت ۾ قاريءَ جي ذهن تي اثر ٿئي ٿو.

ڪلهوڙن جي دور واري هن طرز جي نظمن ڪي هڪ "تحريڪ" چئي سگهجي ٿو، جنهن جو اولين ڪارج شريعت جي سمجهاڻيءَ سان پورو ٿيو. جيئن ته پوءِ هن ۾ خدا ۽ رسول جي مدح ۽ ثنا به ٿيڻ لڳي ، آن ڪري هنن نظمن ڪي وڏيڪ مقبوليت حاصل ٿي ، ۽ منجهن جا نغمگي سمايل هئي تنهن سنجيده ۽ بالغ ذهنن تي گهرو اثر ڪيو. ائين چوڻ ۾ ذرو به وڌاءُ نه ٿيندو ته هن نظم ، نه رڳو ابوالحسن جي هٿان ڪان گرهوڙيءَ رحه جي هٿن تائين ، ارتقائي منزلون طي ڪيون، پر آن جو عام چرچو به ٿي ويو.

آخر ۾ ڪلهوڙا دور جي هنن نظمن ۾ ڪم آيل ٻوليءَ تي سرسري نظر وجهڻ ضروري آهي ته جيئن خبر پوي ته هنن نظمن جي آستادن ڪا تڪلف ۽ تصنع واري زبان ته ڪم نه آندي آهي، يا سنڌن ٻولي سادي ۽ عام فهم آهي؟

مخدوم محمد هاشم جي ٻولي عالماڻي آهي.

لفظن جو ذخيرو گهڻي قدر ابوالحسن وارو ساڳيو ڪم آندو اٿس، جن مان گهڻا هاڻي متروڪ آهن. هڪ ڳالهه جي ڪري ميان ابوالحسن ٻين نظم نويسن کان ممتاز حيثيت رکي ٿو، ڇو جو سندس لفظن جو ذخيرو گهڻو آهي، ۽ مخدوم محمد هاشم کان سواءِ ٻين سڀني آهي لفظ ايتري انداز ۾ استعمال نہ ڪيا آهن. انهيءَ سلسلي ۾ ميان ابوالحسن جي پيرويءَ جي ڪوشش ڪنهن حد تائين متاخرين ڪئي آهي.

جهڙيءَ طرح پڻائي رح جي زبان انهيءَ وقت جي عوام جي روزمره جي زبان هئي، اهڙيءَ طرح هن نظم جي زبان بہ عوام جي روزمره جي گفتگو ۾ ڪم ايندڙ ۽ مروج زبان هئي.

هنن سڀني عالمن جو لب ۽ لهجو، تقريباً لاڙي آهي. لاڙ جي اثر کان ابوالحسن کان گرهوڙيءَ تائين ڪوبہ آجو نہ آهي. سڄي دور ۾ ٻوليءَ جي لب - لهجي ۽ نحوي بناوت ڪي لاڙي لهجي سان وڏو واسطہ آهي(١).

---

(١) هر عالم جي زبان بابت تفصيل لاءِ ڏسو ايندڙ باب، ’اعليٰ پايي جا نظم نويس‘.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اعليٰ پايي جا نظم نويس

ڪلهوڙن جي دؤر ۾ لکيل ”سنڌين“ جي تفصيلي جائزي ڪانپوءِ، اسين هن نتيجي تي پهتا آهيون ته مخدوم ابوالحسن، مخدوم ضياءالدين، مخدوم محمد هاشم، مخدوم عبدالله ۽ مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، بيشڪ اعليٰ پايي جا نظم نويس هئا. اِهي پنج بزرگ نه رڳو نظم جي گهڻي ذخيري جي بنياد تي، پر دلپذير اسلوب ۽ فصيح زبانيءَ ڪري به ادبي تاريخ ۾ اهم جڳهه والارين ٿا، ۽ هن صنف ۾ بلند پايي جا نظم نويس ٿي گذريا آهن.

هن هيٺ انهن سڀني بزرگن جي سوانح حيات ۽ سندن ’سنڌين‘ تي قدري تفصيل سان تبصرو ڪجي ٿو.

## ١- مخدوم ميان ابوالحسن -

ڪارڻ طلب طالبين رسالو لکيوم،

مقدمه الصلواة سنڌي نالو تنهن رکيوم.

آهو نظم جنهن کي سنڌيءَ جو نالو ڏنو ويو، تنهن جي سلسلي ۾ اسان جا علمي ۽ ادبي تذڪرا

جنهن بزرگ جو نالو سر- فهرست ڏين ٿا، ۽ جنهن کي هن قسم جي نظم' جو رواج وجهندڙ ڄاڻائين ٿا، سو مخدوم ميان ابوالحسن هو. هن قسم جي نظم جي سلسلي ۾ سنڌس پيروي ڪيترن ئي بزرگن ڪئي آهي.

سنڌس ابتدائي زندگيءَ جي احوال بابت علمي ادبي تذڪرن ۾ پوري ڇنڊڇاڻ، ڪيل نہ آهي. ايترو معلوم ٿئي ٿو تہ هن بزرگ پنهنجي زندگيءَ جو گهڻو حصو ٺٽي ۾، درس ۽ تدريس، تصنيف ۽ تاليف ۾ گذاريو.

مخدوم ابوالحسن جي تصنيف 'مقدمة الصلواة' ١٧٠٠ع جي آهي، جڏهن سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪا مستند الف - بي، مقرر ڪانہ هئي، ۽ عربي جا فاضل آن ڏانهن ڪوبہ ڌيان نہ ڏيئي رهيا هئا. هرڪو آن کي پنهنجي نموني پيو لکندو هو، ۽ آن کي اوت تي پيو پڙهبو هو. هيٺين نم سنڌي آوازن لاءِ ڪي بہ حرف مقرر ٿيل نہ هئا: ٻ، ڳ، ڏ، ڄ، ڃ، ڇ، ٿ، ڀ، ڙ، ڊ ڍ، ڻ، ڌ، ڳ، گھ، ٽ، ٺ ۽ ڦ. مخدوم ابوالحسن اِنهن آوازن لاءِ هينيون صورتون مقرر ڪيون: ٻ = ٻ، ڳ = ڳ، ڏ = ڏ، ڄ = ڄ، ڃ = نج، ڇ = چھ، ٿ = تھ، ڀ = ٻھ، ڙ = ڑ ۽ ر، ڊ = در، ڍ = ڊ،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڻ = ن، ڏ = دھ، ڳ = نگ، ٽ = تر، ٿ = تھ ۽ ڦ = ڦ ۽ پھ.

ڪيترا حرف وسرگ آوازن جي ضرورت خاطر بنايا ھئائين؛ مثال طور: ب ۽ ھ مان 'ڀ'، ت ۽ ھ مان 'ٿ'، پ ۽ ھ = 'ڦ'، د ۽ ر مـــان ڊ، ۽ ڇ ۽ ھ مـــان ڇ. اھـڙيءَ طـرح ڪي حرف اھڙا بنيادي رکيائين، جن تي ١٨٥٣ع واري ڪميٽيءَ غور ڪيو، ۽ اھي حرف جيئن جو تيئن منظور ڪيا؛ جھڙوڪ: ڀ، ڦ، ڊ (جيتوڻيڪ ابوالحسن 'ڊ' 'ڍ' لاءِ ڪم آندي آھي ۽ نہ 'ڊ' لاءِ)، مٿينءَ صورتخطيءَ ۾ ابوالحسن پنھنجو ڪتاب مقدمہ"الصلواة" ١٧٠٠ع ۾ لکيو، ۽ اھو ڪتاب پاڻ پنھنجي مدرسي ۾ پڙھائيندو ھو. سندس وفات کان پوءِ جڏھن مخدوم محمد ھاشم پنھنجو ڪتاب فرائض الاسلام پڙھائڻ گھريو تہ ڏھن مخدوم ابوالحسن جي جھونن شاگردن اعتراض آناريو، ۽ ان ڪري مخدوم محمد ھاشم مجبور ٿي، ڪن ترميمن ۽ اضافن سان وري مقدمہ"الصلواة" مدرسي ۾ پڙھائڻ شروع ڪيو.

مٿي جنھن صورتخطيءَ جو بيان ڪيو ويو آھي، سا ميان ابوالحسن پنھنجي پـر ۾ تشڪيل ھيٺ آندي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي، تنهن ۾ ايتري گهٽي منجهه نثي نظر اچــي، جيتري ”مقدمه الصلواة“ جي موجوده صورتخطيء واري ڇاپي ۾ آهي(١).

**نظم جو نمونو:-** ”مقدمه الصلواة“ کي هن طرز جي نظم جي سلسلي ۾ اهم ڇو تو سمجهيو وڃي؟ اُن لاء خاص سبب هي آهي ته هي اوائلي نظم جو نمونو آهي، جنهن کي بنيادي سرمايو ڄاڻي، متاخرين اُن تي طبع آزمائي ڪئي، توڙي جو ”مقدمه الصلواة“ اعلىٰ پايي جي نظم جي زمري ۾ نٿو اچي.

مخدوم ابوالحسن جو نظم مجموعي انداز کان اسان جي مقرر ڪيل معيار موجب ’ڪامل‘ نه آهي. گهڻن ئي هنڌ سندس شعر دوهري جي شڪل ۾ آهي. ڪٿي ٿي ته ڪٿي چار سٽون هم قافيه آنديون اٿس. اهڙا تمام ٿورا هنڌ آهن جتي هم قافيه مصراعن جو تعداد ڏهن يا ٻارهن کان وڌي ويو آهي. **مقدمة الصلواة**

---

(١) جهوني ۾ جهونو ڇاپي نسخو جيڪو اسان کي مليو آهي سو ١٨٦١ع جو آهي، انهيءَ ڪانسواء ”مقدمه الصلواة“ جا جهوني صورتخطيءَ ۾ ڪيترائي ايڊيشن پيئي نڪتا آهن: تازو آر- ايچ احمد برادرس حيدرآباد موجوده صورتخطيءَ ۾ به هي ڪتاب ڇپايو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڳوڙهي اڀياس مان پروڙجي ٿو ته مخدوم صاحب جو توجهه شعر جي نزاڪت، بندش ۽ قافيه پيمائيءَ ڏانهن گهٽ، ۽ مقصديت ڏانهن وڌيڪ هو. انهيءَ ڪري سندس نظم ۾ ٻيهڪ ۽ سناءِ جون خاميون رهجي ويون آهن. مثال طور هيٺين مصراعن ۾ قافين جو بلڪل لحاظ نه رکيو ويو آهي - ع

انيءَ پنيون اي ليڪيم جي رڪوع جون،
سٺن ساريان سي سنتون جي سجود جون،

جيئن اڳ ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته هن ڪتاب جو مضمون نماز، وضو ۽ غسل وغيره جي مسئلن تي مشتمل آهي. اهڙي محدود ۽ خاص نوعيت جي موضوع سبب مصنف هڪ قسم جي پابنديءَ ۾ رهيو آهي، ۽ ان ڪري پنهنجي نظم کي تشبيهن ۽ استعارن سان سينگاري نه سگهيو آهي. هو رڳو مقصد جي ڳالهه ٿو ڪري. لفظن ۾ به سادگي آهي، ته انداز بيان به غير مڪلف ۽ سادو اٿس. اهڙي اسلوب ۾ هو ميت جي ڪفن جي صفائيءَ جو بيان ڪري ٿو - ع

ڪوڏان مڪيا ڪن ٻئي ته توکي سائين شال،
سٺائي سچو ڏٺي سڏي بانگ بلال،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كفن وجهڻ جي بيان ۾ چوي ٿو ـــ

ٻه ڳرائيون ٻنهي پارين، منيا تن ڪجن،
موڪرائيءَ ۾ ميت کي ويڙهي جيئن وجن،
پر منيا پهرين چادر ۾ ڇپائون گهرجن،
منجهينءَ ۾ ناهه ڪو احتياج سندو تن،

امداد الفتاح ۽ متانت ۾ انهن تا لکن.

ميان ابوالحسن جابجا سند طور فقه جي معتبر ۽ مستند ڪتابن جا حوالا به ڏنا آهن. اهڙيءَ طرح متاخرين به ضروري حوالا ڏنا آهن، جن مان خبر پوي ٿي ته هر ڪا ڳالهه هو ڪهڙي حجت ۽ ڪهڙي دليل سان چون ٿا. سجدي سهو جي سمجهاڻي مخدوم ابوالحسن هن ريت ڏي ٿو ـــ

صورت سجدي سَهوِ جي هن پر پروڙيج،
جيئن سلام سڄي پار ڏانهن ڏيئي ٻه سجدا ڪريج،
تهان پوءِ تحيات سين دعا درود پڙهيج،
تانپي ٻنهي پارن ڏانهن سلام سنئون واريج.

نماز جن سببن جي ڪري ڀڄي ٿي، انهن ۾ ڦي ۽ الٽيءَ جو بيان فتح القدير ۽ بحر جي حوالي سان ڪري ٿو ـــ

Soorih Mirani

فتح القدير ۽ بحر ۾ هن پر ٿو چوي ،
ايڪيتاليهون اوڇتي جي ڪنهن ڦٽي اڇي،
سا وري پوءِ نہ پڌري ، پري وات وجهي ،
تہ اهڙي ڦٽي نماز کي پڙهيا چون پچي،

مصنف، نماز ۽ جسماني پاڪيزگيءَ جا جيڪي بہ مسئلا سمجهايا آهن، تن کي اسلامي فقہ جي ڪتابن، حديثن تفسيرن جي ٽيڪ وٺي ڪ مستند ۽ محقق بنايو آهي. هن صاحب خاص طور فتح القدير ، امدادالفتاح ، درمختار بحرالرائق تان استفادو ڪيو آهي. پنهنجي ڪتاب ۾ مسئلا هيٺين ترتيب سان بيان ڪيا اٿس :

نماز جي ضرورت، وضوءَ جا فرض، وضوءَ جون سنتون وضوءَ جا مستحب ، غسل جو بيان ، تيمم جو بيان ، ميت جو غسل ، نماز جو وقت، فرض، واجب ۽ سنتون ، نماز جا پچندڙ وغيره . ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ پنهنجي فرزند عبدالعزيز جو نالو آڻيندي، هنن مسئلن جي سکڻ جي تاڪيد ٿو ڪري، ۽ پنهنجي نجات لاءِ مناجات ٿو ڪري —ع

ابول عبدالعزيز پٽ پڇي پڙهين ڪان ،
هي مسئلا نماز جا ساري سنڌي واءِ ،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ مانَ مومن تن کي سکن سهم منجهان ،
هن کميني کي کن کا کارڻ ڏٺيءِ دعا ،
سبب تنهن شال ڇٽي هي عاصي عذابا ،
سين مڙني مومنين جي امتي نبيءَ جا ،
الاهي ابوالحسن تو منگي تو ملا ،
مولئا مهربان تون ، سائين سڀاجها .

مقدمة الصلواة جو خاتمو هن مصرع تي ٿئي ٿو :

مولئا مرهي تن کي کلمو جي چون .

**ٻولي** :- ابوالحسن پنهنجي ڪتاب ۾ سندس وقت جي عام مروج زبان ڪم آندي آهي ، جنهن ۾ ڪو بہ تصنع ۽ تڪلف ورتل نہ آهي . هن ڄاڻي ٻجهي پنهنجي ڪلام ۾ مشڪل ۽ ثقيل عربي فارسي لفظ استعمال نہ ڪيا آهن ، پر نج لاڙي محاوري واري زبان ڪم آندائين . سندس نظم ۾ لاڙي لفظ گهڻي انداز ۾ ملندا . جن مان ڪي هن وقت متروڪ آهن ؛ جهڙوڪ : وترو ( تکو ) ، مهيلي (زال) ، جيها (جهڙا) ، مڪلا (وتان) ، ٻجهن (ٻڌجن) ، جيٺو (ساڄو) ، رساٺي (رسائي) ، مرهڻ (معاف ڪرڻ) ، آٻهڻ (ٻيهڻ) .

انهيءَ ڪانسواءِ ڪيترا ٻيا لاڙي محاوري جا لفظ استعمال ڪيا اٿس ، جيڪي اڄ تائين لاڙ ۾ ساڳي تلفظ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ معنيٰ ۾ مروج آهن، جهڙوڪ :
پنو = پهتو، ماڙهو = ماڻهو، جيڙو = جهڙو، هيڙو = ههڙو، پانجو = پنهنجو، هوءِ = هجي، توجو = تنهنجو، ڪريج = ڪج، ويج = وڃج ۽ ڪجاڙو = ڇا، وغيره.

**مقدمة الصلواة** جيئن ته پهريون مڪمل ۽ منظوم سنڌي ڪتاب آهي، جنهن ۾ اسان کي 'سنڌي وائي' ملي ٿي، تنهن ڪري چئبو ته هي ڪتاب مذڪور نظمي صنف جو بنيادي سرمايو آهي. ڪن جزوي فني خامين هوندي به، **مقدمة الصلواة** کي مقصديت جي ڪري اسين وڏي اهميت وارو ڪتاب سمجهون ٿا. هي ڪتاب هن سلسلي جي پهرين مضبوط ڪڙي آهي، ۽ متاخرين لاءِ هي ڪتاب مشعلِ راهه بنيو. اهوئي خاص سبب آهي جو اسين آن کي "سنڌيءَ" ۾ نهايت اهميت وارو ڪتاب ليکيون ٿا.

**انتخاب:-** آخر ۾ هن هيٺ مخدوم ابوالحسن جي سنڌيءَ مان، نموني طور ٿورو چونڊ ڪلام ڏجي ٿو:

## نماز

پـنـو پهـريـون بـاب اي جـو وضـوءَ جـو،

هائي پڙهه نماز جو پهڪڙ باب پيو،
ته ٿئي نور نماز جي سين اندر سمهائو،
سهائي راهه لهين، پسين پريان لوء،
جنهن نينهن نماز سين هيان هيڄ ٿيو،
منهن تنهن جو مولو ڪندو چوڏهين چنڊ جهو،
ڪريو نينهن نماز سين ڪاهل ڪيم ٿيو،
طلب ۾ توفيق سين، آيائي آهيو،
پوري ڪندو پاتشاهه آسون ۾ لاهيو.

---

چوٿون رڪوع سجدي ۾ ڪرڻ ويرم ڪا،
قدر تسبيح هيڪڙي توڙي ٽي پيرا،
پنجون فرض فرض هنڌ واجب واجب جا،
ستون لفظ سلام سين نڪرڻ نمازا،

---

سجدي سهو هيڪڙي توڙي واجب گهٽا وڃن،
پر جي نه ڏنائين تنهن نماز ۾ سجدا سندا سهون،
ته واري پڙهڻ نماز جو واجب ٿا لکن،
پر جي وارجي نماز سا ته چڱو ائين چون.

---

ڪ امام آخر نماز ۾ ٽهڪ ڪيو،
ته ڀڳي نماز تنهن جي جو مسبوق هو،
چوڏهون چڙهي نماز ۾ جي صبح سج نڪيو(١)
ڪ جمع جي نماز ۾ وڃين وقت پيو.

---

## دعا

ساراهه جي سو ڏئي سندو جنهن فرمان،
مڃيو مڙني مومنين آنڊائون ايمان،

---

تنهن ساراهي سيڪو منجهه پتاندر پاڻ،
ماڻهو مرون پڪڻ پري ملڪ مت سڃاڻ،
جيڪي آهي جت ڪي ڳجهو ۽ پڌرو،
سو ساراهي رب ڪي پاڻ پتاندر تو.

---

## سبب تاليف

ڪارڻ طلب طالبين رسالو لکيوم،
مقدمة الصلواة سنڌي نالو تنهن رکيوم،
سهو خطائون خطرا سيئي ساريجاه،
منجهان اِن مهر پئي ڏسي ڏور ڪجاه،

---

(١) نڪتو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڇـي نظر عـاقلين جيڪا ڪڇائـي ،
سا سائين ڪارڻ ثواب لڳ ساري ڪن سنئين ،
ابوجهن ابـوجهيون سڄاڻ سنيون ڪن ،
ڏلا پٽ پلن جـي رڙهي راهه پون ،
عاصي ڀنيءَ صالحين سيئي شال چڙهن ،
مهند جن جي مصطفيٰ مـَرَڪڻ مـرسلن .




Soorih Mirani

# مخدوم ضياءُالدين

(١٠٩١—١١٧١ھ بمطابق ١٦٧٧ع — ١٧٥٧ع)

مخدوم ضياءالدين بن مخدوم هارون بن مخدوم عجائب بن مخدوم الياس، ١٦٧٧ع ۾ سنڌ جي قديم شهر جوڻ ۾ ڄائو هو. هو حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي (المتوفي ٦٣٢ھ) جي اولاد مان هو. سندس پڙڏاڏو مخدوم الياس، سومرن جي دور ۾ عراق کان ترڪِ وطن ڪري، جوڻ ۾ اچي رهيو(١). مير قانع لکي ٿو ته ”هو صاحب ورياھ ۾ اچي رهيو، ۽ پوءِ لڏي، وڃي ٺٽي ۾ وينو(٢).

مخدوم ضياءالدين، ٺٽي جي مشهور عالم ۽ فاضل مخدوم عنايت الله کان تعليم حاصل ڪئي. مخدوم محمد معين عرف مخدوم ٺارو ٻئي مخدوم ضياءالدين جو هم سبق ۽ دوست هو. علم جي تحصيل ڪرڻ

---

(١) ميمڻ محمد صديق: ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ ڀاڱو پهريون، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد، ١٩٣٧ع ص ١٣١.

(٢) قانع علي شير: ”تحفه الڪرام (سنڌي)“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٥٧ع، ص ٥٦١.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مخدوم ضياءالدين نـــ رڳـــو وضو ۽ نماز جا مسئلا سمجهايا آهن، پر ٻيا بـــ ڪيترا مسئلا، عقيدا ۽ فرض بيان ڪيا اٿس، جهڙوڪ : ٻار ڪي نـــمـــاز جو عادي ڪرڻ، بالغ ٿـــيـــڻ ڪانپوءِ مذهبي فرض، اسلام جا پنج اصول، ايمان جـون ست صفتون، جسم ۽ لـــبـــاس جي پاڪيزگي، پليد ٿـيـل شي ڪيئن پـاڪ ڪجي، وضو ڪيئن ڪجي، غسل جـو بيان، نماز جا وقت، ٻانگ، نماز جا شرط، ارڪان، واجب، سنتون ۽ مستحب، وتر، نفل ۽ تراويح، سج ۽ چنڊ گرهڻ جي نماز، سجدو سهو، قضا نماز، بيمار جي نماز، سفر نـمـاز، عيد نماز، جمع نماز، خـوف نـمـاز، تلاوت جو سجدو، زڪواة، حج ۽ روزو وغيره .

**ضياءالدين جي ڪلام تي هڪ نظر:**- مخدوم ضياءالدين جو شعر "ڪامل نظم" واري ڪسوٽيءَ تـي مـڪمل طور پورو نـــ آهي . ڪـٿي ڏهـاڪو مصرائـون هم قافيہ

(آندل صفحي وعوتان)

پير محمد لڪوي ڪان قطع نظر ڪلهوڙن جي دور تي اچبو تہ ڊ. ابوالحسن جـو مقدمہ" الصلواه" (١٧٠٠ع) 'ضياءالدين جي سنڌيءَ' ڪان آڳاٽو آهي. مونجهارو هي آهي تہ 'ضياءالدين جي سنڌيءَ' ۾ سال تصنيف جي چٽائي ڪيل نہ آهي .

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکيون اٿس، ته ڪٿي گهاٽي واڌي ٻه ڪٿي اٿس؛ ڪٿي ڪٿي دوهري وانگر رڳو ٻه مصرائون هم قافيه بيهاريون اٿس. انهيءَ لحاظ کان ٻه هن جي قائم ڪيل سٽاء ابوالحسن جي نظم جهڙي آهي. مجموعي طرح هن سٽاء وارا طويل نظم مقرر دائري کان ٻاهر نه ليکبا. مخدوم ضياءُالدين وٽ خيالات جي وسعت ۽ رنگين بياني ايتري نه آهي جيتري پوئين دور وارن نظم نويسن وٽ آهي، پر هن جو اسلوب ۽ انداز بيان، ابوالحسن جي انداز بيان کان ڪي قدر سلجهيل آهي. هيءَ حقيقت آهي ته هن قسم جي مضمون ٻڌڻ ۾ بلاغت ۽ فصاحت جي ڪا گهڻي اُميد نه ٿي رکي سگهجي، پر ايترو سو چئبو ته مقصد جو اظهار موزون ۽ واضح الفاظ ۾ ڪري سگهجي ٿو، جنهن ۾ مخدوم ضياءُالدين چڱو ڪامياب ٿيو آهي. مثال طور وضوءَ جو بيان ڪندي چوي ٿو ته:

ست ادب موچارا وضوءَ جا سٽيج،
دستار لاهي مٿي آتان گوڏي تي رکيج،
پهريائين ٻاڏي ڪرئان هٿ جيٽي(١) هاريج،

---

(١) ساڄو

پوءِ تون ڏائي هٿ ڪي ان پر پاڪ ڪريج،
ڏوئي هٿ ڪرائي سين ٻئي ڦترا(٢) ڪريج،
پاڻي نڪ ۾ وات ڪي ســاري سڦرو ڏيج،
ڏندڻ هرڙي(٣) ڪ سڪي سين وات ڪي سوئيج،
جي نہ لہي ڏندڻ ڪي تہ آڱر هلائيج،
غرغرا ۽ گرڙيون موچاريون ڪريج .... الخ

وضوءِ جي سلسلي ۾ جتي جتي ڪي دعائون پڙهڻيون آهن تہ آنهن جو ذڪر بہ ڪيو اٿس، هر دعا بابت اڳ ۾ اشارو ڪري ٿو. مثال طور: " هي الفاظ ان وير ۾ ساري تون پڙهيج". وضوءَ جو بيان مخدوم ضياءُالدين بہ اهڙي ترتيب سان ڏنو آهي، جهڙو ابوالحسن، پر هن ابوالحسن وانگر وچ ۾ فرض ۽ واجباب جي سمجهاڻي ڏيئي، بيان ڪي منجهيل ۽ مبهم نہ بنايو آهي. مسئلي جي سمجهاڻي ۾ ضياءُالدين جو بيان وڌيڪ واضح آهي. ميت جي غسل جي سمجهاڻي جيڪا ابوالحسن ڏني آهي سا سندس سموري ڪلام کان وڌيڪ واضح آهي، نہ تہ مجموعي طرح ضياءُالدين جو انداز بيان واضح آهي. ٻار جي تربيت، عادتون ۽ ذهني نشونما بابت چوي ٿو تہ

(١) سٺا، صاف (٣) آلو=ٻڪسيل.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مائٽن تي فرض آهي ته ٻار کي مڪتب ۾ موڪلين، جيئن هن جي طبيعت ۾ علم جي روشني ڦهراءُ آئي، ۽ هو دين متين جو پابند رهي. ٻار کي نماز لاءِ تاڪيد ڪجي، انهيءَ سلسلي ۾ مصنف چوي ٿو ـــ ع

ڏهن ورهن جو جي ٿئي ته مر آن ماري،
نينڍي ڪــي نمــاز لاءِ چابــڪ چڪــائي.

اهڙيءَ طرح نماز کان ڀڄندڙ کي مخدوم ضياءُالدين 'آسارو' ۽ نافرمان سڏي ٿو، ۽ آن کي مهميز تي زور ڏي ٿو.

**ٻولي:-** مخدوم ضياءُالدين جي نظم ۾ ڪم آيل ٻولي، ابوالحسن واريءَ ٻوليءَ کان مختلف نه آهي. هن وٽ لفظن جو ذخيرو، لب ۽ لهجو، ضميري پڇاڙيون لاڙي لهجي واريون آهن. مخدوم ضياءُ الدين ٺٽي جو رهاڪو هو. آن وقت علمي حلقن جو انداز گفتگو ۽ الفاظ کهڙا به هئا، پر هن صاحب پنهنجي "سنڌي" نج لاڙي لهجي ۾ لکي آهي ـــ ع

هئم هڪلم آن ڪـي جي اُو ٺئي اسارو

اُو (هـُو - آهو) لاڙ ۾ ڪــم ايندو آهــي. هتي لفظ جي ابتدا ۾ [هـ] آواز گم ڪيو ويو آهي، جيڪو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڙ جا ماڻهو گهڻن ئي لفظن جي منڍ ۾ وچ ۾ اچاريندا نہ آهن؛ مثلاً:

| لاڙي اچار | معياري اچار |
| --- | --- |
| جيڙو | جهڙو |
| اوچاڻ | آهچاڻ |
| موُنجو | منهنجو |

مخدوم ضياءُ الدين وٽ بہ اچار ساڳيا لاڙي آهن-ع

فرض آهي ماءُ پوءِ تي سعي سوڌيءَ پت،

سري ۾ ''پيءُ" چون، پر لاڙ ۾ "پي،" چون. مصنف جي ذاتي لهجي ۾ شايد "پوءُ" (پيءُ) هجي. "ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي" واري اصول موجب هر لهجي(dialect) ۾ ٻارهن تہ ڇا پر ڇهن ڪوهن تي بہ اچارن ۾ فرق پوي ٿو. اهڙا مثال مخدوم ضياءُالدين جي نظم ۾ ٻيا بہ ڪيترائي ملندا، جن ۾ سنڌس لاڙي لهجي جا اهڃاڻ ملن ٿا. سندس استعمال ڪيل لفظن مان ڪي هي آهن:

ڀرڪو = ڀيرو، هرڙهي = آهستي، واٽو = ڀاڳو، وٽارڻ = اوٻارڻ، سوڌو = سنئون، آڪردو = آجو، ڪيٽو = انگل، ڀنو = ڀهتو يا پورو ٿيو، ڪيڙڻ = ڳنهڻ ۽ وٺڻ، ڪيجاهہ = ڪجهہ. اهڙيءَ طرح ٻيا بہ ڪيترا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آندا اٿس، جن ڪي سري (اتر) جا ماڻهو مشڪل سان سمجهي سگهندا.

مخدوم ضياءُ الدين لاءِ صورتخطي جي سلسلي ۾ ڪو رستو ڪليل نه هو. ان ڪري ڪجهه ته هن خود ساخته صورتخطي ڪم آندي آهي، ۽ ڪجهه ابوالحسن جا مقرر ڪيل حرف قائم رکيا اٿس. ”ڻ“ جي بدران ”ن“، ۽ ”ڙ“ جي بدران ”ر“عام جام لکي اٿس - ع

دعا لاءِ ڏنيءَ در هٿ ٻئي ڪَنَ (ڪڻ)،
ڻ

جيڪي دم جيئن جا سي سيئي گَنَ (گڻ)،
ڻ

يـــا

سانجر سوارے ڪج جڏهن تيو جروءِ (جهڙوءِ)

مٿيان چند مثال مخدوم ضياءُ الدين جي ٻوليءَ ۽ صورتخطيءَ تي روشني وجهن ٿا.

آخري رايو:- مخدوم ضياءُالدين جي ”سنڌيءَ“ جي مطالعي مان هن نتيجي تي پهچون ٿا ته مصنف جي ڪلام ۾ مقصديت آهي. سنڌس نظم جو وزن ايترو پختو نه آهي. سنڌس ڪلام جي ڀيٽ ۾ متاخرين جي ڪلام- زادالفقير

(هاشم) ۽ قمرالمنير (عبدالله)—جي بندش پختي ۽ چست آهي. مخدوم ضياءُ الدين متعلق مسئلن جون واضح سمجهاڻيون ڏيندو ويو آهي. ههڙي نظم ۾ جيڪڏهن ڪو مصنف تخيل جي بلند پروازي نہ ڏيکاري سگهي، ۽ علم بديع جا لوازما ادا نہ ڪري سگهي، تہ معياري نہ چئبو. مخدوم صاحب شرعي مسئلا آندا آهن، جيڪي رندي ڪلام ۽ عاشقاڻي پيام کان قطعي مختلف آهن.

**انتخاب:**- هن بيان کان پوءِ هيٺ مخدوم ضياءَ الدين جي "سنڌيءَ" جا ڪي منتخب ٽڪرا ڏجن ٿا:

جي پاڻي ڪنهن ڪڏ ۾ پڊرو پيو هوءِ،
تہ تنهن کي تون تميز ڪر پسي پاڻي پوءِ،
جا بوءِ ڪيائين بجڙي ڪ سائو تنهن رنگوءِ،
وضو غسل آن مان عاقل ڪو نہ ڪندو،

———

فرض آهي ماءُ-پوءُ تي سعي سوڌيءَ پت،
تہ موڪلي مڪتب ۾ صغير وڏي ست،
جڏن تابع ٿئي طبيعت جو مومن وڏي مت،
راتو ڏينهن ٻالڪ ڪري نماز پرت،
وضوءَ جي وجود ۾ پيچي ڪري پرت،

———

جي غافل ٿئي نماز ۾ ڪڏهن آمارو ،
ته هٿين هڪليج آن کي متان او ٿئي امارو ،
پڇي ذات نماز جي سوڌو سوارو ،
سکيج سنڀهج سانجهرو رات ۽ ڏينهارو ،
کهو ڪلمو نبيءَ آتي ته ٿئي مسلم موچارو ،

---

جي نه رسين امام کي ته ڇڏج سنتا ،
ڪج اقتدا امام سين فرض کي رسجا ،
ري فرض سنت کي قضا ناهه روا ،
ڏني انهه قول تي عالمن فتوا .

---

عورت هٿ تڪبير لاءِ جڏهن سا ڪڍي ،
مقابل ٻنهي ڪلهن جي هٿن رسائي ،
ٻئي هٿ آرهه تي ساري سي ٻڌي ،
وهي ذائي دڏي تي التحيات پڙهي ،
پير پنهنجا ويهن ۾ جيٽي پاران ڪڍي .

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مخدوم محمد هاشم ٺٽوي

(۱۱۰۴-۱۱۷۴ھ بمطابق ۱۶۹۰-۱۷۶۱ع)

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، شهر ميرپور بٺوري، ضلع ٺٽي ۾، ۱۶۹۰ع ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو عبدالغفور (۱) هو. ابتدائي تعليم پنهنجي والد کان مليس. ان کان پوءِ ٺٽي وڃي مولوي محمد سعيد ۽ مخدوم ضياءُالدين کان تعليم حاصل ڪيائين. والد جي وفات کان پوءِ به ٺٽي ۾ تعليم جاري رکندو آيو. مخدوم محمد هاشم، ڄاڪاڻ ته، ميرپور بٺوري ۾ ڄائو هو،

(۱) خانبهادر محمد صديق ميمڻ، مخدوم محمد هاشم جي والد جو نالو عبداللطيف لکيو آهي (سنڌ جي ادبي تاريخ ج ۱، ص ۱۴۹) پر اهو صحيح نه آهي. موصوف جي والد جو نالو عبدالغفور هو. پنهنجي فرزند تي عبداللطيف نالو رکيائين جيڪو نالو سندس پڙ ڏاڏي جو هو، جيئن هيٺ ڏنل شجري مان معلوم ٿيندو: محمد هاشم بن عبدالغفور بن عبدالرحمان بن عبداللطيف بن عبدالرحمان بن خيرالدين سنڌي ٺٽوي. ڏسو مير علي شير قانع: "مقالات الشعراء" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ڪراچي، ۱۹۵۷ع ص ص ۸۴۱، ۸۴۲، ۽ مهراڻ جون. موجون ص ۱۷۷.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آن ڪري مير علي‌شير قانع کيس ڳوناٽو(١) سڏيو آهي.

مخدوم صاحب فارغ التحصيل ٿيڻ تي ڏنو ته

ٺٽي توڙي سڄيءَ سنڌ ۾ کيس گهڻيون بدعتون پکڙيل نظر آيون، ۽ اسلام جي اصولن جي صريح خلاف ورزي پئي ڪئي وئي. پاڻ دين اسلام جي تبليغ ۽ ترويج لاءِ جيڪي ڪوششون ڪيائين سي سڀ وانگر روشن آهن. انهيءَ سلسلي ۾ ميان غلام شاه ڪلهوڙي واليءِ سنڌ، توڙي نادر شاهه ۽ احمد شاهه واليءِ افغانستان ڏانهن خط لکيائين. مخدوم محمد هاشم ڪان، هن ڪم جي سر انجامي واجب سمجهي، ميان غلام شاه طرفان کيس اهڙو پروانو ۽ حڪمنامو ڏنو ويو، جنهن موجب ملڪي عملدارن کي هدايت ڪئي ويئي ته براين جي پاڙ پٽڻ ۾ مخدوم صاحب جا ٻانهن ٻيلي ٿين، ۽ هر طرح ساڻس تعاون ڪن. مخدوم صاحب جو خيال هو ته هر طرح جي غير شرعي ڪمن کي ٻنجو ڏجي، ۽ سڀ فيصلا اسلامي اصولن موجب ٿيڻ گهرجن. انهيءَ نقطهِ نظر ڪان، مخدوم محمد هاشم عملي ڪم شروع

---

(١) قانع علي شير: "تحفه‌الڪرام" (سنڌي)، ص ٥٦٥.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو جنهن ۾ ڪيس چڱي ۽ خاطرخواه ڪاميابي حاصل ٿي.

مخدوم صاحب تقرير ۽ تحرير، توڙي درس ۽ تدريس ۾ پنهنجي دور جي هڪ اهم شخصيت هو. هو ١١٣٥هه ۾ مدينه منوره ويو، جتي ته علماءِ اسلام ۾ هن جو ڏاڪو پڄجي ويو. حج بيت الله کان موٽنديءَ، ١١٣٧هه ۾، سورت بندر ۾ هڪ بزرگ سيد محمد سعدالله جو مريد ۽ خليفو ٿيو. انهيءَ سلسلي ۾ مخدوم محمد معين لکي ٿو: ”پهريائين جڏهن مخدوم محمد هاشم، هڪ بزرگ مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ کي تلقين لاءِ عرض ڪيو ته ان بزرگ فرمايو ته منهنجي سامهون مون کان تلقين حاصل ڪرڻ وارن جون صورتون پيش ڪيون ويون، تن ۾ تنهنجي صورت ڪانه هئي. اهو جواب ٻڌي مخدوم هاشم عرض ڪيو ته مونکي آها جڳهه ٻڌايو جتي منهنجو شيخ (مرشد) آهي. بزرگ فرمايو ته تون سيد سعدالله سورتيءَ جي خدمت ۾ وڃ. انهيءَ تي مخدوم محمد هاشم، سيد سعدالله سورتيءَ وٽ حاضر ٿيو، ۽ فيض حاصل ڪيائين(١).“

---

(١) مخدوم محمد معين: ”دراسات اللبيب“، (عربي) (مرتب عبدالرشيد نعماني): سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٥٧ع، مقدمي جو حاشيو ص١٦٠.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوئين زماني ۾ مخدوم صاحب ننڍي ۾ رهي، عام خلق جي بهبوديءَ لاءِ تقرير ۽ تحرير جــي وسيلي ڪم ڪندي، سنه ١١٧٤هه ۾ ڇهين رجب تي جان، جان آفرين جــي حوالي ڪئي. سندس مدفن مڪليءَ تي آهي.

مخدوم محمد هاشم جون تصنيفون نه رڳو سنڌيءَ ۾ آهن، پر سندس علمي آثارن جـون وڏو ڀاڱو عربي ۽ فارسيءَ ۾ به آهي. سندس عربي ڪتاب جامع الازهر ۾ به پڙهايا ويندا هئا، ۽ پڙهايا وڃن ٿا. سنڌيءَ ۾ مخدوم صاحب جا طويل نظم جي طرز تي لکيل هيٺيان ڪتاب ڪتاب ۽ رسالا مشهور آهن: تفسير پاره عم ۽ تفسير تبارڪ، فرائض الاسلام، زادالفقير ۽ رسالو ذبح شڪار. پوين ٽن ڪتابن کي اسان ادبي نقطهٔ نگاهه کان بحث هيٺ آندو آهي.

**فرائض اسلام:-** مخدوم صاحب هي ڪتاب پهرين عربيءَ ۾ لکيو هو، ۽ پوءِ انجو سنڌيءَ ۾ طويل نظم جي طرز تي ترجمو ڪيائين. مخدوم ابوالحسن جي برپا ڪيل مدرسي ۾ جڏهن مخدوم محمد هاشم مقدمة الصلواة جي جاءِ تي فرائض الاسلام پڙهائڻ شروع ڪيو، تڏهن ابوالحسن

جا جهونا شاگرد اعتراض اٿارڻ لڳا، ۽ ان ڪري مخدوم محمد هاشم کي مخدوم ابوالحسن وارو ڪتاب مقدمه "الصلواة وري جاري ڪرڻو پيو؛ پر ان ۾ ڪي ترميمون، اضافا ۽ تصحيحون ڪيائين.

فرائض الاسلام ۾ اهي سڀ ڳالهيون بيان ڪيل آهن، جيڪي اسلامي فرض جي دائري اچن ٿيون. اسلامي فرض هڪڙا اعتقادي آهن ۽ ٻيا عملي. مخدوم محمد هاشم، ميان ابوالحسن جي چاڙهيل ڪن مسئلن جا رد به ڏنا آهن، ۽ ڪي ترميمون ڪري اهڙا اشارا به ڏنا اٿس، ته ڪن عالمن کان غلطيون ٿيون آهن، ڏٺي انهن کي بخش ڪري، فرائض الاسلام جي منڍ ۾ چوي ٿو - ع

جيڪي فرض سنڌيءَ ۾ عاجز سڻايا،
سي ٻارهن سو ٻاهٺ ٿيا ليکي شمارا،
پر ڪنهين عالمن هيڪڙو سو تيهه فرض ڄيا،
ليکيائون تن کي جدا ڪري چوڪا بيانا،
لکيائون تن ۾ امر سي جي فرض نه ڇٻا،
ڇڏيائون فرض ڪيترا قطعي جي ٿيا،
سهو ٿي ان کان بخشين مون موليٰ.

فرائض الاسلام ۾ مخدوم محمد هاشم جيڪي مسئلا ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرض بحث هيث آندا آهن، تن جي عبارت ساديآهي. هن ڪتاب ۾ آيل نظم سنڌس ٻين ڪتابن ۾ آيل نظمن ڪان البت گهٽ معيار وارو آهي، پر قافيہ پيمائيءَ جي ڪسوٽيءَ تي هي ڪامل آهي. ڪتاب ۾ ڪل ٻارهن هزار مصراعون يڪي "آ" قافيي تي ٻڌل آهن. تمام ٿوريون مصراعون اهڙيون آهن، جن ۾ قافيو بدلايو ويو آهي. "آ" قافيي جي آوازن ۾ ڪوبہ فرق ۽ امتياز نہ رکيو ويو آهي. "آن - آءِ ۽ آهہ" قافين کي جائز ڄاڻي استعمال ڪيو اٿس - ع

تيون ايمان ان ڪري تہ آهي هير (١) موجودا،
چوٿون تہ هو موجود مون ڏٺي آڳاٽو انهان -
هئڻ علم عظيم جو آهي هميشاه .... الخ

مخدوم صاحب نہ رڳو فرائض الاسلام ۾، پر ٻين سنڌي ڪتابن ۾ بہ مشهور ديني ڪتابن جو نچوڙ پيش ڪيو آهي. فرائص الاسلام ۾ اهڙا حوالا هن جابجا ڏنا آهن، ان ڪري سنڌس بيان معتبر ۽ مؤثر بڻجي پيو آهي. جتي بہ متقدمين سان اختلاف ڏيکاريو اٿس اتي سند ڄاڻائي اٿس تہ جيئن اعتراض جي گنجائش ۽ غلطيءَ جو احتمال نہ رهي.

---

(١) هير = هينئر (لاڙي)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ذبح شڪار عرف راحة المومنين:-** هن مختصر رسالي "ذبح شڪار" جو تت هي آهي: جانور کي ڪهڙين حالتن ۾ حلال ڪجي ، ڪيئن حلال ڪجي ، حلال ڪيل جانور ڪهڙيءَ حالت ۾ مڪروه ٿيندو ، ڪهڙا جانور حلال ۽ ڪهڙا حرام آهن ، حلال جانورن جا ڪهڙا عضوا ڪائڻ گهرجن ، ۽ هٿيار سان ماريل جانور جو حلال حرام ٿيڻ وغيره .

مخدوم صاحب پنهنجي طرفان هي رسالو انهيءَ ڪري لکيو جيئن مسلمان حلال ۽ حرام شين جو باهمي فرق پروڙين. حلال شين جو صحيح استعمال ڪن. شرح شريف جي مقرر ڪيل طور طريقي تي حلال ڪيل شيون ڪم آڻين . اهڙيءَ سمجهاڻي ڏيڻ ڪان اڳ تمهيد ۾ چوي ٿو — ع

هينئڙي منجهه حقير جي اچي وهم پيو ،
ماٺهو مسئلا ذبح ۽ شڪار جا پڇن گهڻيرو ،
ڪي لکجي ، تن منجهان گهٽو جي ٿورو ...الخ

مخدوم صاحب ڄاتو ٿي ته "عربي آهي اهڪي ابوجهن اپار"؛ انهيءَ ڳالهه جو ڪيس احساس هو ، ان ڪري هي ضروري مسئلا سنڌيءَ ۾ آندائين. هن رسالي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو نظم سھڻو، پختو ۽ وڻندڙ آهي. مخدوم محمد هاشم جو هي ادبي ڪارنامو ڪلهوڙن جي دؤر ۾ لکيل ”سنڌين“ ۾ خاص اهميت وارو آهي.

**زادالفقير (١)**- مخدوم محمدهاشم، زادالفقير ۾ روزي تي بحث ڪيو آهي. روزي کي هو زاد يعني ثمر ٿو سڏي. پنهنجي هن ننڍي رسالي ۾ مصنف روزي جي ماهيت، اهميت ۽ شرعي حيثيت تي عملي ۽ ديني زاويهٔ نگاه کان تبصره آرائي ڪئي آهي. هن ڪتاب جي تصنيف جو سال ١١٢٥هه آهي. مخدوم صاحب پنهنجي سنڌي تصنيفن وانگر هن ڪتاب ۾ بہ اهو اظهار ڪيو آهي تہ ماڻهن کي عربي ڏکي ٿي لڳي، انهيءَ ڪري هو سنڌيءَ ۾ ٿي لکي ٿو، تہ جيئن سيکو سگهي؛ مثال طور هن ڪتاب ۾ چوي ٿو ــ

---

(١) تذڪره لطفي، ڀاڱو ٽيون (ڇاپو ٻيو) ص ٣٢٢ ۾ محترم لطف الله بدويءَ، 'زادالفقير' جي مصنف جو نالو عبدالخالق ڄاڻايو آهي، پر اهو غلط آهي. عبدالخالق جو ڪتاب 'مطلوب المؤمنين' آهي، جنهنجو ذڪر اسان اڳ ۾ ڪيو آهي، ۽ ڏسو ”سنڌ جي ادبي تاريخ“، ڀاڱو پهريون، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد، ١٩٣٧ع، ص ١١١

عربي اجائن کي گھٽو ڏھلي(١) ھوءِ،
سنڌي ڪيم سھکي چان(٢) سکي سيڪوءِ.

هن ڪتاب جي عنوانن جو تت هي آهي: رمضان شريف جي چنڊ جي پڪ ڪيئن ڪجي؟، روزو ڇا آهي؟، سحري ۽ افطار جا وقت، روزن جا قسم (فرضي، واجب ۽ نفلي)، روزن جي نيت، روزا ڪنھن تي فرض ٿين ٿا، ۽ ڪنھن تي نہ ٿا ٿين وغيره.

مخدوم صاحب روزي جي ماهيت ۽ حقيقت، حيثيت ۽ اهميت تي سير حاصل بحث ڪيو آهي. مصنف جي هن تصنيف جا محرڪ بہ ديني جذبا آهن. هي ڪم هن صاحب پاڻ تي ديني تبليغ جي سلسلي ۾ هموار ڪيو، جنھن ڏانھن اشارو ڪندي چوي ٿو ـــ ع

سائين سنيون پائيين، مـــوٗليٰ موٗمنن،
مٿي راھ رسول جي، راتو ڏينھن رڙهن،
سکن مسئلا دين جا، پڇن ۽ پڙهن،
پڙهي پروڙي تن ڪي عامل عمل ڪن ـــ الخ.

مٿين چئن سٽن ۾ تجنيس حرفي جو بہ سھٽو مثال ملي ٿو. هم جنس لفظن جو اهڙو جوڙ ۽ جڙاءُ، 'زادالفقير'

---

(١) ڏکي. (٢) چوان.

۾ هنڌ هنڌ ملندو. معنوي ۽ لفظي صنعتن جا ٻہ سهڻا مثال پيش ڪيا ويا آهن، جنهنڪري ٻـہ رڳو مخدوم عبدالله جـو قمرالمنير زادالفقير کان سرس ليکبو، نہ تہ ادبي لحاظ کان ’زادالفقير‘ هن قسم جي نظمن ۾ هڪ سٺو اضافو آهي.

**نظم ۽ ٻولي-** نظم جي پختگيءَ جي ڪري فرائض الاسلام کان ذبح شڪار وڌيڪ معياري آهي، ۽ زادالفقير مخدوم صاحب جي ڪلام ۾ تارن منجهہ چنڊ مثل آهي. نظم جي پختگيءَ کان سواءِ صنايع ۽ بدايع ۾ بہ زادالفقير ٻين کان سرس آهي. ذبح شڪار جو نظم بہ پختو آهي، پر آهو زادالفقير سان برابري ڪري نٿو سگهي.

مخدوم محمد هاشم پنهنجي ”سنڌيءَ“ ۾، لاڙي ٻولي ڪم آندي آهي، ۽ عربي لفظ بہ چڱي انداز ۾ آڻيندو ويو آهي. هو درس ۽ تدريس جـي ڪري، يا عربي ڪتابن سان واسطو رهڻ ڪري، عربي لفظن کان پاسو ڪري نہ سگهيو آهي؛ پر هن ايترا گهڻا ثقيل ۽ دقيق عربي لفظ استعمال نـہ ڪيا آهن. مصنف عربيءَ جو يگانو عـالم هـو، تنهنڪري سندس سنڌي نظم ۾ عربي الفاظ جو اچڻ ڪا عجب جهڙي ڳالهہ نہ آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن لاڙي لفظ ۽ عربيءَ جا مروج لفظ گڏوگڏ جڙيا آهن.

**انتخاب**- مخدوم صاحب جي متين تنهي ڪتابن مان انتخاب ڏجي ٿو، جنهن مان سندس فصيح زبان ۽ بليغ بيان جي وڌيڪ وضاحت ٿيندي.

**فرائض الاسلام** مان ــ ع:

١- فائدو پهريون اي سڻو مؤمنا،
ور ته چاٽي سيڪو مؤمن مشتاقا،
جيڪي هن سنڌيءَ ۾ ٿيا مذڪورا،
ڪنان فرض رب جي تان هن مڪانا،
ڪي فرض عين سي، ڪي فرض ڪفايتا،
پر فرض عين مڙيئي جي تعلق وارا،
سان پنجن رڪنن اسلام جي، جي دين جي بناءَ،
تي سؤ ٻتيهه، تن ڪان عقائدن منجهان،
تي سؤ چاليهه، ٻيا تعلق طهارت جا،
تي سؤ ڇٽيهه تن ڪان فرض نماز ٿيا،

٢- چاڻڻ پنجن قبلن جو فرض شريعتا،
پر نه لذوم اي مسلئو منجهه ڪنهن ڪتابا،
ته چاڻڻ اِن قسم جو آهي ڪو فرضا،
ڪعبو آهي قبلو سو سندو رسولِ خدا،

## زاد الفقير ـاان ـــ ع

١- ـاان موسن تن کي پڙهي ياد ڪن،
جيکي آهين ان ۾ سي مسئلا سڪن،
ڪٿي هت "هاشم" کي ـاان ڪڏهن دعا ڪن،
ـاان مرهي ڏوهه ڏيهه ڏٺي ڏسي ڏوهارين،
جن تاري تڪيو ناهه ڪو نڪا ڇانئي ڇڻ،
ري رحمت رحمان جي ٻيو ڪين ٻجهن.

٢- بقا ناهي بلاد کي دنيا ناهه دوام،
اجل ٿو اوتون ڪري، ٿي قريب قيام،
سمر سندي ساٿيا، ڪريو تات تمام،
ڪريو ياد ڪريم کي سنجهي صبح شام،
مڇڻ ويسارا وهو، آڇيو منجهه اسلام،
کهو ڪلمو صدق سين مٿي محمد ڇام.

٣- واري اواڻن ڪان، آڻي ڏانهن ايمان،
جو هئين ٿار اڪئين سندو نور نشان.

٤- مسئلا اسلام جا پڇي سڀ سڪجا،
پڙهي پاڙهيو تن کي جيکي ڇيو خدا،
ڪري رحمان رحمتون سڀاجهو سيڻئا،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ڪرم ڪريم ڏٺي ڪمي ڏوهہ خطا،
فرمايئين فرقان ۾ لا تقنطوا من رحمة الله.

٥- اچي جنهن شخص کي پيا ٻي ڏينهن ٻرو (١)
تنهن مٿي عادت پنهنجي روزو جي پڳو،
تان آن ڏينهن نمرو(٢) ٿيو ڪين ڏنائين سو،
تہ قضا ڪفارو تنهن تي لازم ڏيڻ هوءِ.

## ذبح شڪار مان - ع

١- منجهہ شرح تڪملي رازيءَ جي آهي ايءَ پچار،
تہ ڪاڏو ڪنو عورت جو سونهاري سردار،
تڏهن سو درست ٿيو مؤمنن موچار.

٢- جي اچي داخل ٿيو شهر ۾ حاڪمن منجهان،
ڪڪڙ ڪنائين ٻڪري تنهن کي اڳيان،
ڪارڻ تعظيم تنهن جي نہ مهمانيءَ لاءِ،
ڪہ قبر وٽ وليءَ جي اهي ٿوڪ ڪٺا،
ڪہ بيديءَ وٽ بزرگ جي ڪہ مريضن مهندا(٣)،
ڪہ جادا لاهيندي پٽ جي ڪنائين گهيتا،
ڪہ هٽندي وڻ زمين ۾ ڪہ ڪوهہ ڪٽڻ ويرا،

---

(١) تپ، بخار (٢) چڱو ڀلو (٣) اڳيان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪ نئون وسائيندي ڳوڻڙو سوڻ سقري لاءِ ،
ڪ ڪنائون ٻت مهندا ڪ ڪنڌيءَ تي دريا ،
ته متان اچي جن کو امان ڪري ايذاءُ ،
نہ منجھہ مڙني صورتين ڪيڻ(۱) سو نہ رهاءِ .

۳- توڙي ترار ڪ تير پنهنجو ڪنهن مٿا هون رکيو ،
واءُ سٽائو جو لڳو تنهن ڪٽي هيٺ هنيو ،
سو اچي لڳو شڪار کي پر پريندي مئو ،
ته ڪيڻ تنهنجو مؤمنن کي چيائون ٻچڙو .

۴- ائون شرط شڪار جو پڻ سو ياد ڪجاهہ ،
جڏهن شڪاريءَ ڪتو ڊوڙايو چئي بسم الله ،
تڏهن سو ڪتو رسڻ ري شڪار ڪري ٻي هاج نہ ڪا ،
سنهي ٿلهي نہ ڪري نہ ڪي ماني ڪاءُ ،
نہ ڪو ونءِ قرار کو پسي ٿڏيري جاءِ ،
وجي ڪيائين قتل شڪار کي تنهن پڄاڻان ،
تڏهن سو حرام ٿيو ، ڪيڻ ماڻهن ڪان .

۵- ڪارڻ اهل دين جي هي لکيم رسالو ،
راحة المؤمنين (۲) سنڌي رکيم تنهن نالو .

---

(۱) ڪانڻ (۲) مخدوم محمد هاشم پنهنجي رسالي **ذبح شڪار** کي **راحة المومنين** ۾ سڏيو آهي .

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مخدوم عبدالله نرئي وارو

ڪلهوڙن جي زماني جو هي يگانو عالم ڪيترن ئي علمي ۽ ديني ڪتابن جو مصنف آهي. تذڪره نگارن هن بزرگ جي هڪ هم نام ميان عبدالله واعظ (عرف ميان موريو) جي نالي سندس سڀئي تصنيفات ڪي منسوب ڪري ڇڏيو آهي، تنهنڪري ڪتابن جو هي اصل مصنف ۽ سندس نالو گهڻو وقت گمناميءَ ۾ رهندو آيو. تازين تحقيقن مان ثابت ٿيو آهي ته جيڪي به ڪتاب اسان وٽ ميان عبدالله واعظ جي نالي ۾ڌڻ ۾ پئي آيا آهن، سي حقيقت ۾ مخدوم عبدالله مندري نرئي واري جا آهن(۱).

مخدوم عبدالله ذات جو مندرو (شايد 'منڌرو') هو. هو اصل بدين تعلقي جو ويٺل هو. سندس ڳوٺ جو نالو

---

(۱) ڏسو: مولانا محمد مدنيءَ (ڪراچي) جو ڇپايل "ڪنزالعبرت"، سال ۱۹۶۱ع، مهاڳ، ص 'ب'. جناب مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي لکيل اُن سوانح تي، مٿي آندل احوال جو آڌار آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماندر(١) ڄاڻايل آهي. سندس ننڍپڻ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ بابت تذڪرن ۾ صرف ايترو ڄاڻايل آهي ته هن ٺٽي ۾ تعليم حاصل ڪئي، ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو شاگرد ٿي رهيو.

مخدوم عبدالله ڪن اٿتر سببن جي ڪري مانـدر (مانڊر) مان لڏي، ڪجهه ملڪ ڏانهن هليو ويو، ۽ اتي 'نري' نالي ڳوٺ ۾ وڃي رهيو. پر اتي به هن يگاني عالم کي نه سڻو ويو. لاچار اتان لڏي ٻئي ڳوٺ سسريءَ (تعلقو ابڙاسو) ۾ وڃي رهيو، ۽ اتي ئي لاڏاڻو ڪيائين. سندس قبر به سسريءَ ۾ آهي. ڪڇ جو راجا به مخدوم صاحب جو معتقد هو. مخدوم صاحب جو اولاد ڪڇ ۽ ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو. مولانا قاسمي صاحب جي لکڻ موجب "مخدوم عبدالله جي ڪتابن جو وڏو ذخيرو، سندس پوين وٽ ڪڇ ۾ محفوظ آهي"(٢).

---

(١) حقيقت ۾ بدين تعلقي جي سڄي ڏاکڻين حصي کي 'مانڊر' چيو ويندو آهي؛ يعني اهو هنڌ جتي منڊرا قوم رهي ٿي. هن مقالي جو مصنف ان حصي جو رهاڪو آهي. گفتگو ۾ منڊرا قوم کي به مانڊر چيو ويندو آهي. مونکي سڄي بدين تعلقي ۾ ڪوبه ماندر (يا مانڊر) نالي ڳوٺ ڪونه سجهي.

(٢) ڏسو مولانا محمد(ڪراچي) جو ڇپايل، "ڪنزالعبرت"، ١٩٦١ جو مهاڳ، ص 'ج'.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مخدوم صاحب جـي سنڌي ڪتابن مـان گهڻا ڇپجي چڪا آهن. اڻڇپيل ڪتابن مان ” خزانہ اعظم“ هڪ آهـي، جيڪو انـن جلدن ۾ قلمي صـورت ۾، پير جهنڊي جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي(١).

مخدوم صاحب جي ڪتابن ۾ هينيان مشهور آهن:

ڪنزالعبرت، قمرالمنير، نورالابصار، هفت بهشت، بدرالمنير، تفسير يوسف، غزوات ۽ خزانہء اعظم. پهريان ٻہ ڪتاب، ڪنزالعبرت ۽ قمرالمنير جيڪي مقصديت، سلاست ۽ رواني؏ جي ڪري سنڌي نظم ۾ منفرد حيثيت جا حامل آهن. انهن ٻنهي تي هيٺ قدري تفصيل سان تبصرو ڪجي ٿو:

**ڪنزالعبرت** - هن ڪتاب ۾ مخدوم عبدالله، ” مڙيئي مسئلا شرح جا“ گڏ ڪيا آهن، جيڪي ڪيس صحيح حديثن ۽ فقهہ جي ڪتابن ۾ مليا آهن، ۽ انهن مسئلن کي قرآن مجيد جي روشني؏ ۾ نظم ڪيو اٿس. ڪنزالعبرت جي شروعات ۾ فرمائي ٿو ــ ع

---

(١) هي؏ معلومات قبلہ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جن عنايت فرمائي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کو قدر حديثن حبيب(ص) جي ڪيڊي ڪتابنئا(١)،
جـوڙي اتـم جمـع ڪيـو ڪـارڻ نصيحتا،
سنڌي ڪيم تنهن جي خالـص لـڳ خدا،
ڪيم هيڪاندا هن نسخي ۾ اقسام روايتن جا،
ڪي بخاريءَ مسلم منجهان ڪي منجهان مشڪواتا،
ڪي ڪنان(٢) سنن ۽ معجم مان ڪي سندن منجهان،
ڪي شرحن منجهان تن جي ڪي تفسيرن منجهان،
ڪي ڪنان ڪتابن فقهہ جي ڪيم ماخوذا.

ڪنزالعبرت ١١٧٥ھ جي تصنيف آهي. منجهس هڪ طرف مضمون جي گوناگوني آهي، ته ٻئي طرف مسئلن جي افراط آهي. هر مسئلي جو بيان دليل ۽ تمثيل سان ڪيو اٿس. نہ رڳو هن ۾ فرض بيان ڪيا ويا آهن، پر واجب ۽ سنتون بہ بحث هيٺ آندل آهن. جيڪي عمل اسلام ۾ ممنوع آهن تن جي بہ چٽائي ڪيل آهي. مخدوم صاحب انهن تي تفصيل سان خيال آرائي ڪئي آهي. مثال طور ”عورتن جو قبرستان ۾ وڃڻ ممنوع آهي“؛ ان جي لاءِ فرمائي تو ــ ع

---

(١) ڪتابن مان (٢) کان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڪن ڪتابن ۾ انپر تا علماءَ،
ڪرڻ زيارت عورتن کي آهي ڪراهتا،
بلڪ هن زماني ۾ حرام چيائون آهه،
نڪرڻ نه آهي ان سندو خالي فساد ڪنان،
پڻ اصل ڪا اسلام ۾ رخصت هئي ان لاءِ،
ڪارڻ ڪرڻ زيارت جي سا پڻ هئي هن سببا،
جيئن پسي مٺا پنهنجا مان ڏڄن ڏٺيءَ ڏاءُ.

موصوف، مسئلي جي ماهيت سمجهائيندي اهو ٻڌائي ٿو ته جو پهريائين عورتن لاءِ قبرستان ۾ وڃڻ تي بندش نه هئي، جا پوءِ عائد ٿي. نتيجا ٻڌائيندي چوي ٿو ته: ”تيون آخر ان مان برايون پيدا،“ انهيءَ ڪري هاڻي قبرستان ۾ عورتن جو وڃڻ نه رڳو ڪراهت آهي، پر حرام پڻ آهي.

ڪنزالعبرت ۾ مثال ڏيندي نمرود جي تباهيءَ جو بيان هن ريت ڪري ٿو ـــ

تان پڻ چيائين حضرت ابراهيم کي سين پنهنجي زبانا،
ته جي تنهنجي رب جي جهڙي بادشاهت آهي ڪا،
جهڙي آهي جهان ۾ مونکي منجهه دنيا،
پڻ هوئيس(١) مون سين جنگ جي طاقت قدرتا،

(١) هجيس

جڏهن نمرود پنهنجو لشڪر وٺي ميدان تي اچي ٿو، ته جنگ جي ميدان ۽ لشڪر جو بيان مصنف هنن لفظن ۾ ڪري ٿو ــ ع

وٺي ڪٽڪ پاڻ سين لڪين هزارا،
ست لک ساڻس سوارين نسورا اهڙا،
جي سڀ هٿا پوشتا زره سين ماڻهو ۽ گهوڙا،
ٻيو جيڪي لشڪر هو ستن لکن ڏاران،
تن ڳاڻيٽو ناهه ڪو ۽ نڪو شمارا،

مٿين بيان کي بلا ترديد رزميه شاعريءَ ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. بزم سان گڏ رزم جون ڳالهيون به مخدوم عبدالله پنهنجي "سنڌيءَ" ۾ خوبيءَ سان نباهيون آهن. اهڙا واقعا موصوف ڪن ڳالهين جي وضاحت ۽ سچ جي فوقيت ڄاڻائڻ خاطر ضمني طور بيان ڪيا آهن.

مضمون جي وچ وچ ۾ ڪي قصا ۽ خاص طور رسول ڪريم صلعم جن جي زماني جون سچيون ڳالهيون مثالن وانگر آڻي، مصنف پنهنجي بيان کي وڌيڪ رنگين بنايو آهي. علم جي حاصلات بابت چوي ٿو ــ ع

لڪن ڪتابن ۾ اِن پر ٿا علماءَ،
طلب ڪرڻ علم جي اي فرض سين تي آهه،

توڙي آهي مڙس سو توڙي عورت سا،
طلب العلم فريضة علىٰ كل مسلم ومسلمة چيو رسول خدا،
پاڻ فرمايو فرقان ۾ ملڪ جي مولىٰ،
ته جيڪي مرسل انبياء مڪا مون هئا،
سي سڀ آيا عالم ۾ انهيءَ سبب لاءِ،
ڪرين اطاعت منهنجي امر جي مڃين فرمودا،
پڻ سڪائين سين ڪي علم دين هدا.

اهڙيءَ طرح مخدوم صاحب هر ڳالهه قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ سمجهائي ٿو. ٻئي طرف پنهنجي هيٺائيءَ جو بيان به پرسوز ۽ رقت آميز لفظن ۾ ڪري ٿو. قيامت جي ڏينهن ۽ خوف جو بيان ڪندي، ذات پات جي ست پيد ۽ وڏائيءَ کي واضح الفاظ ۾ نندي ٿو. جنهن جو مثال سندس هنن مصراعن ۾ ملاحظه ٿئي ــ ع

مور- نه ٿيندو مهند سو ذات جي سببا،
ته ڪي سيد آهيان ڪ قريشن منجهان،
آءٌ چٽندس عملن ري ذات جي سببا،
ڪ آهيان پوٽو پيرن جو ۽ وڏيرن وياءُ،
منهنجا ڏاڏا ڀاٺهي مونکي ڇڏائيندا،
متان پرسو انهيءَ ڳالهه تي ڪري ڪو ادا،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيڪو لهندو پورهيو سوجب ڪمائيا،
الٿهي 'عبدالله' چوي آءٌ ساريان سگهه نه ڪا،
نه مون علم نه عمل ڪي اي صاحب سڀاجها.

خاص طور ڪنزالعبرت ۾ مخدوم صاحب هينين ڳالهين تي بحث ڪيو آهي: قبرن جي زيارت، مجازي عشق، شرابنوشي، نذر نياز، سرود ۽ سماع ۽ خيانت وغيره. هي ڪتاب ٻن جلدن ۾ آهي هر عنوان جدا باب تحت آهي. هر عنوان تي سير حاصل بحث ڪيو ويو آهي.

قمرالمنير - هن ڪتاب جو بنياد عربي ڪتاب 'شرح سراج المنير' تي آهي، جنهن ۾ رسول ڪريم صه جن جي حالات، عادات و اطوار ۽ اسوه حسنه جو بيان آهي. مخدوم عبدالله ان کي 'سنڌيءَ' جو ويس ڍڪايو آهي. هن ڪتاب ۾ آيل نظم ڪنزالعبرت کان وڌيڪ وڻندڙ آهي.

ڪتاب جي شروعات نهايت پرسوز ۽ پر درد آهي. انهيءَ لاءِ خانبهادر ميمڻ(١) بلڪل پوري قياس آرائي ڪئي آهي ته "مخدوم عبدالله جهڙي قسم جو نظم

(١) ميمڻ محمد صديق: "سنڌ جي ادبي تاريخ"، ڀاڱو پهريون، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد ١٩٣٧ع، ص ٢١٤

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪثر ان وقت لکندو هو جنهن وقت سندس دل تي غم جو بار هوندو هو." ڪن پيارن جي جدائي، زماني جي بي التفاتي ۽ عزيز جي وفات جــي تازي صدمي جي اثر هيٺ سندس طبع ۾ هيجان ۽ غــم و انــدوهه هو: ان اثر هيٺ هــو اهــڙو نظم لکندو هــو. جيئن **ڪنزالعبرت** جو سڄو نظم 'آ' جي قافيي تي آهي، تيئن **قمرالمنير** سڄي ڪتاب ۾ 'ن' جو قافيو آهي. هن ڪتاب ۾ مصنف پنهنجي دلگيريءَ جو بيان هن ريت ڪري ٿو ـــ

گوندر مٿي گوندرين اپر اوتون ڪن،
موت مشڪلاتون مفارقتون هم غم هزارن،
ڪيس تن ڪاهل گهٽو ماري مصيبتن،
مون سين موافق جي هئا منجهه مڙني مصلحتن،
درد دلگيريون دل جون جن ڏني ڏور ٿين،
سي اٺ موڪلايا آسهيا پوريو پهه پين،
آرتو اوتيان اڪثين ساريو ڳڻ سندن.

عزيزن ۽ دوستن جي بي مهابائيءَ جو ذڪر به رقت آميز ۽ دلسوز انداز سان ڪري ٿو ـــ

عزيز هئا جي اڳيان تن ڇڏيو ساٿ سين،

ويو ميٺ مڙن مان کو جو واءُ ورين،
گهنگهرائي ناهه ڪا مڙئي منو گهرن،
نفسانيت نابود ڪئي مئائي مڙن،
مٿيون چند سٽون مصنف تمهيد طور لکيون آهن.

ان ڪان پوءِ هو مقصد تي اچي ٿو، ۽ حضرت رسول ڪريم جن جا حالات ۽ اسوه حسنه بيان ڪري ٿو. شروع ۾ چوي ٿو ته حضور جن جي حيات بابرڪات جي چاڻ سبب مومن جو ذهن سنجيدو ۽ متين ٿئي ٿو؛ سندن زندگيءَ مان سبق وٺي، انسان پنهنجا عمل صالح ڪري، آفتن ڪان بچي سگهي ٿو—ع

هاڻي سڻو مومنا هنئين جــن ڪنن،
اوصاف احمد چام جا پار سندا پريــن،
کهڙا رکايا رب هٿا اخلاق عجيب منجهن،
اوصاف افعال اڪمل جا سکي صحيح ڪجن،
جنهن ڪري سڃاڻجي "سيد" سندو سين،
پڻ ايمان ۽ اسلام بچي ڪنان (١) آفتن.

تخيلات جي گوناگوني ۽ مضمون آفرينيءَ جي ڪري "قمرالمنير" همعصر "سنڌين" ڪان سرس آهي.

(١) ڪان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منجهس محاڪات جي ڪمي ڪانهي، ۽ منظرنگاريءَ جا ڪيترائي سهڻا مثال موجود آهن. معراج نبويءَ جو بيان ڪندي، براق جي تصوير هنن لفظن ۾ چٽي ٿو:

جيئن پاتو پير رڪاب ۾ رحمتِ عالمن،
براق پڇي اڳهون ٿيو ايپي (١) نہ اسپ سندن،
پٽ نہ جهلي سو پانهنجي اکيان عجيبن،
ڪري رقص ري پيئي نچي سين نازن،
هينئڙي هڻڪارون ڪري ڪڍي پير قدمن،
سهڪو ايپي نہ ساٿرو مهندان مقبولن،
حضرت جبريل هڪل ڪري ساڻ هيبتن،
چئيس چٽي زبان سين وٺي واڳ هٿن،
ڪہ نہ سڃاڻين نبيءَ کي جو مهندار محبوبن.

براق جواب ۾ چيو—ع

چي گهڻو سڃاڻان گوهر اي دادلو ڏڻين،
مولي سندو محبوب جو، سو سيئي سڃاڻن،
اڪين تي آئون ڪڏان پيزارون پرين،
پر ڇاڻي ڪيم سرڪشي ايءَ اکيان عجيبن،
تان مون سين ڪري وعدو ور تهان پوءِ چڙهن.

---

(١) بيهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قمرالمنير ۾ آيل نظم مقرر ڪيل فني معيار موجب ۽ صناع جي لحاظ کان پختو نظم آهي. تنهن سان گڏ صوري توڙي معنوي لحاظ کان اعليٰ پايي جو آهي.

**ٻولي-** مخدوم عبدالله جي زبان **لاڙي سنڌي** آهي. قمرالمنير ۽ ڪنزالعبرت کانسواءِ، هن پنهنجين ٻين تصنيفن جهڙوڪ: غزوات، شجاعت سيد الانام، خلفاء راشدين، سنگنامو، ايمان مجمل ۽ ايمان مفصل، نڪاح جي ترتيب، ترڪو ۽ ورثو وغيره ۾ ساڳي لاڙي، ۽ وقت جي مروج زبان ڪم آندي آهي. زبان جي سلسلي ۾ هو متقدمين کان متاثر ٿيو آهي. سندس زبان ۾ ميان ابوالحسن ۽ مخدوم محمد هاشم جي امتزاج جون جهلڪيون موجود آهن. مختصر طور سندس لاڙي لهجي واري ٻوليءَ لاءِ ائين چئجي ته هن وٽ علمي سنڌي موجود آهي، جنهن کي قمرالمنير ۾ ڪمال تي پهچايو اٿس. مخدوم عبدالله کي پنهنجي همعصر دور ۾ هڪ خاص مقام حاصل آهي. هن جي ديني ۽ ادبي ڪم ۾ جا يگانگت ۽ هم آهنگي آهي، ان جي بنياد تي چئي سگهجي ٿو ته هن قسم جي نظم جي سلسلي ۾ هو هڪ اعليٰ پايہ جو نظم نويس هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**انتخاب**- مخدوم عبدالله جي 'سنڌيءَ' مان نموني طور انتخاب هن هيٺ ڏجي ٿو:

## ڪنزالعبرت مان

ڏهون باب خيانت جو ڪريهون مذڪورا،
جا آهي دعا دين ۾ ۽ پڻ منجهه دنيا،
لڪن ڪتابن ۾ ان پر ٿا علماءَ،
ڪرڻ خيانت دين ۾ ۽ منجهه عبادت مولیٰ،
۽ ڪرڻ خيانت دنيا ۾، منجهه ڪنهن امانتا،
ڪ دغا، تور ڪ ڪسب ڪ منجهه واپارا،
سي ٻئي قسم خيانت جا آڳي حرام ڪيا.

———

ڪتاب سفر السعادت ۾ اِن پر مذڪورا،
فرمايو رسول رب جي نورالانبياء (صم)،
وڃو مَ وڪامنديون عورتون جي ڳائين ڳيچ ڳيا،
جئن ونڻ وڪڻ ان جو ۽ ڪتيو ان منجها،
۽ پڻ سيکارڻ ايءَ حاجڙي ۽ سڻڻ آن ڪنا،
سو سيوئي حرام ٿيو منجهه دين اسلاما.

———

اهو منهنجي اکين جو نار منجهه دنيا،

۽ پڻ ميوو هوم دل جو وندر وجودا،
آنڊا جگر منجها ان سين هئا ٿريا،
هيجان سانديو مون هنج ۾ سو پيارو پاٽا،
ڪوڏان نپايم جنهن کي جهجهي سڪ منجها،
هوم آڳانـــدو اکيين دلبر منجهہ دنيا.

---

۾ سهڻي قبر سا هٿن سين ۽ سَڪَرَ(١) ڏي ڪا،
جنهن پر چمن ٿا قبر کي جاهل ويچارا،
۾ لاهي پنهنجي منهن کي ڪا خاڪ ڪڍي آتا،
شرح ۾ شيخ عبدالحق جـــي آٿي ٿو اها،
مگر چمڻ قبر ماءُ پيءُ جي درست لکن ٿا،
پڻ آيني(٢) زيارت ميت جي ڪرڻ افضل آهہ،
جي هوئس(٣) قدرت آپيڻ(٤) جي ناتہ ويٺي پڻ رهاءِ،
ڪتاب حيات القلوب ۾ آٿي ٿو اها،
جو تصنيف مخدوم محمد هاشم جو رحمت ڪريس خدا.

---

جڻن امير علي رضہ ڪنان منجهہ حديث مَروي آهہ،
جي پوي ڪنهن کـــوه ۾ ڦڙو شرابا،

---

(١) چـُمي .
(٢) بيٺي بيٺي .
(٣) هجيس .
(٤) ٻيهڻ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تان پوءِ سگهي ڪوه سو ٿئي ويرانا ،
ماڻهو منارو تنهن ماڳ ۾ اڏين ٻانگ لاءِ،
تہ هوند اتس چڙهي ٻانگ نہ ڏيئون هرگز هميشاه.

---

حڪم ساڻ حڪيم جي قاني چت مٿان ،
منجهانئس نڪري هڪڙو هٿ ٿيو پيدا ،
تنهن هٿ مٿي هو هڪڙو ڳاڙهو ياقوتا ،
ڪر شمع قنديل ڪنهن آڻي ٻاريو آهہ ،
مون تان لڌو تي سهڻو سپنو ننڊ منجها ،
ڇان ڪر ڪرسيءَ هڪڙي منبر رکيو آهہ ،
گڻتا آهن تنهن ۾ موتي هزارا ،
ياقوت ، زمرد ، فيروز ۽ در جواهرا ،
ڪهڙي ڪجي زبان سين تنجي تعريفا .

---

سگهي مسئلا شرع جا پاڙجن پرت منجها ،
راضي ٿئي رحمان ڏٺي ۽ پڻ رسول خدا ،
سائينم سڀاجها ڏٺي واحد رب وڏا ،
عبدالله جهڙي عاصيءَ جا بخشين بوڇ ٻچا ،
ڏئين توفيق تنهن کي اتي اسلاما ،
قادر ڪاري تنهن هٿا سڀئي ڪم سڦرا .

---

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## قمر المنير مان

موڪي جڻ مشڪل تيو ڏاران دوستن،
نفسانيت نابود ڪي ميٺائي ميڙن،
عادت ويئي احسان جي منجھائي ماڻھن،
وڏا شڪ سين ڪي سرهي شيطانن،
مهر محبت لڌبو هيج نه منجھ هيئين،
ماڻڪ موتي تنهين مرتبو مان لهن
جتي پارک پڌرا صراف هون سندن،
راعي جي رڏن جا سڀ منجھ سهڻن،
جواهر ياقوت جي سي ڪوه قيمت جاڻن،
هيري لعل فيروز جي پرک نه پنوهارن،
لهي پاڙ پتل جو سون ري صرافن.

---

الاهي احسان سين مالڪ سندا ملڪن
سڻ عرض عبدالله جو قادر سين ڪرمن
حرمت حضرت رسول جي عزت اصحابن،
ڪر ڪو تدارڪ تنهنجو منجھائي مهرن،
جنهنڪي ڏکن جا ڏيل ۾ پيا چاڪ چڪن،
ٻاهر ٻاڦ نه نڪري منجھ مچ ٻرن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ميون عبدالرحيم گرهوڙي

(١١٥٢-١١٩٢هه بمطابق ١٧٣٩-١٧٧٨ع)

ميون عبدالرحيم ذات جو مگريو هو. سندس والد جو نالو سعدالله هو (١). ميون عبدالرحيم ١٧٣٩ع ۾ واڙ ڳوٺ، تعلقي کپري (ضلع سانگهڙ)، ۾ ڄائو هو (٢). ڊاڪٽر بلوچ صاحب کيس "موسيجو" سڏي ٿو (٣)، پر گرهوڙي صاحب پاڻ کي "مگريو" سڏيو آهي- مثال-ع

سچي سور سناسئين، ڪٿي خوش ٿين،
آڻ تڻ اٿن انگ جي، مگريو چوي من،
اوسر عيدون ڪن، آٿي گوندر گڏيا.

مگرين جي وڏي ڏاڏي "موسيٰ" جي نالي جي مناسبت سان "موسيجو" سڏن اوڙڪ ٿي سگهي ٿي (٤). بهر حال عبدالرحيم گرهوڙيءَ فقه ۽ تفسير جي تعليم چوٽيارين ۾ وڃي ورتي (٥)، جتي مشهور عالم ۽ مدرس

---

(١) عمر محمد دائود پوٽو، ڊاڪٽر: "ڪلام گرهوڙي"، سنڌي ادبي سوسائٽي، ڪراچي، ١٩٥٦ع، ص ص ٨-٩ ۽ ١٠ "مگريا مگرراءَ جي اولاد مان آهن".

(٢) علي نواز جتوئي: "سنڌي ڪلام مخدوم شهيد ميان عبدالرحيم گرهوڙي جو"، آزاد بوڪ ڊيپو، حيدرآباد، ١٩٥٦ع: ص ٥

(٣) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: "اخبار تارچ" ١٥ آگسٽ، ١٩٥٥ع

(٤) حوالو پهريون، ص ٨.

(٥) ايضاً، ص ١١

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿين مبين ڪان علم جي تحصيل ڪئي. پنهنجي ذهن ۽ ذڪاوت، فهم ۽ فراست، طفيل ظاهري علوم سان سينگارجي يگانو عالم ٿيو. سڀ سوانح نگار انهيءَ ڳالهه تي متفق آهن ته گرهوڙي صاحب ڪتابي علم تي تڪيو نه ڪندو هو، پر پنهنجي عقل سليم ۽ اجتهاد تي هلندو هو. هو مجتهد هو، ۽ ڪنهن کي پاڻ پاڻ جهڙو عالم نه سمجهندو هو. ظاهري علم تي غرور ۽ ناز هوندو هوس. هو اهل دل درويشن تان ٺٺوليون ڪندو هو. نيٺ هڪ ڏينهن اهڙو آيو جو هو لنواريءَ جي لال، حضرت سلطان الاولياءَ خواجه محمد زمان صاحب جو هلي وڃي مريد ٿيو. پنهنجي هستيءَ کي مرشد ۾ گم ڪيائين، ۽ سچو هٿ هاري ڇڏيائين (١).
پوءِ مرشد ڪان فيض وٺي، واپس وطن موٽيو، ۽ خلق کي فيض مان ورڇ ڏيڻ لڳو — ع

آتران عيد تي، ڏکڻ ڏنو چنڊ،
جهڙي ڦڙي جنڊ، آيو گَر گرهوڙ ۾.

---

(١) گربخشاڻي هوتچند مولچند، ڊاڪٽر: ”لنواريءَ جا لال“، ايجوڪيشنل پبلشنگ ڪمپني، ڪراچي، ١٩٣٤ع، ص ٧٥.

گرهوڙ ۾ آيو ته هزارين ارادتمند سندس حلقي ۾ اچي داخل ٿيا. گرهوڙي هاڻي اهل دل ۽ فنا في الشيخ هو. حضرت خواجه سلطان الاولياء جن جي جامي بدلائڻ تي گاديءَ تان تڪرار ٿيو، پر گرهوڙي صاحب، خواجه صاحب جن جي فرزند حضرت محبوب الصمد خواجه گل محمد جي حمايت ڪئي، ۽ خواجه گل محمد (رح) گادي نشين ٿيو. اِنهيءَ عقيدت منديءَ جو اظهار گرهوڙي صاحب واضح لفظن ۾ ڪري ٿو ته

گوهر گل محمد جا دلبي دماما،
عالهم صلبي عليٰ آيا اماما،

عام خلق ۾ گرهوڙي صاحب بابت ڪيتريون ئي روايتون، ڏند ڪٿائون ۽ پيشينگوئيون مشهور آهن، جن مان ڪن جي صحت ۾ شڪ جي گنجائش آهي. ڪن ۾ ڪنهن حد تائين صداقت به موجود آهي. اهڙين روايتن کي اڪثر سوانح نگارن راوين جي زبانن تي اعتبار ڪري، بزرگ جي سوانح ۾ داخل ڪيو آهي. اهڙيون وڏ ۾ وڏ روايتون، مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽي ڏنيون آهن(۱). ممڪن آهي ته خداباد واري مناظري ۾

(۱) شرح ابيات سنڌي ۱۹۳۹ع ۽ ڪلام گرهوڙي ۱۹۵۶ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گرهوڙيءَ هڪ طالبعلم کي (جيڪو مخدوم محمد هاشم جو پوٽو هو) مخدوم محمد هاشم جو نالو وٺڻ تي مس ڪُٽي هڻي هجي (١)، پر اِهو ڪيئن ٿو ممڪن ٿي سگهي ته شاهه ڀٽائيءَ ، گرهوڙيءَ کي ڪي سوڪڙيون پاڪڙيون موڪليون هونديون(٢)، جڏهن ڀٽائي بزرگ جي وفات وقت گرهوڙي ١٢ - ١٣ سالن جو ڇوڪرو هو. جن بزرگن سان ڀٽائي صاحب هلي وڃي ملاقات ڪئي هئي، تن ۾ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي گرهوڙي بزرگ جو نالو به ڄاڻايو آهي(٣)، پر مٿينءَ وضاحت کان پوءِ اهڙيءَ ضعيف روايت کي مڃڻ عقل کان بعيد آهي.

گرهوڙي صاحب کي جهاد اصغر جو جوش فطرت ۾ سمايل هو. آن لاءِ سندس ٽي عملي ڪارناما مشهور آهن: هڪڙو پير پٺوري تي بانگ ڏيارڻ، ٻيون ٽنڊي ڄان محمد وارو ٽُڙ وڍڻ، ۽ ٽيون مهاڏيو جي مڙهيءَ واري پروهت سان دوبدو لڙائي، ٻنهين معرڪي ۾ گرهوڙي صاحب شهيد ٿيو. سندس شهادت جو سال

---

(١) دائود پوٽو : ڪلام گرهوڙي ، ص ٢٠

(٢) ايضاً، ص ٦١

(٣) ڪلياڻ آڏواڻي : "شاهه جو رسالو"، هندوستان ڪتاب گهر بمبئي، ١٩٥٨ع ص ٨

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٧٧٨ع آهي(١). گرهوڙي صاحب جي "سنڌيءَ" کان سواءِ ٻيون هيٺيون تصنيفون آهن، جيڪي عربي ۽ فارسيءَ ۾ آهن.

١- فتح الفصل (عربي) :- هن ۾ حضرت سلطان الاولياء جن جا اقوال عربيءَ ۾ سمجهايا ويا آهن.

٢- مڪتوبات (فارسي) :- هي امام ربانيءَ (رح) جي مڪتوبات جو اختصار آهن(٢).

٣- رسالہ گل نما (فارسي) :- هيءَ هڪ مثنوي آهي، جنهن ۾ مصنف، حضرت محبوب الصمد خواجہ گل محمد جن جي مدح ۽ تعريف ڪئي آهي.

٤- شرح ابيات سنڌي (عربي) :- هن ڪتاب ۾ خواجہ سلطان الاولياء جن جي سنڌي بيتن جي سمجهاڻي لکي ويئي آهي(٣).

---

(١) ڊاڪٽر گربخشاڻي: لنواريءَ جا لال، ص ٧٧

(٢) ڊاڪٽر دائود پوٽو: ڪلام گرهوڙي، ص ٦٦

(٣) ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب، ١٩٣٩ع ۾ هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو شايع ڪيو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**نظم جو مضمون ۽ ٻولي:** گرهوڙي صاحب جي 'سنڌيءَ' جو مضمون هيٺين مسئلن تي ٻڌل آهي(١): مختلف سورتن جا تفسير، ست فرض، عقائد، ايمان، ترڪو ۽ حقيقت محمدي. حقيقتِ محمديءَ جي سمجهاڻي مذهبي زاويهءَ نگاهه توڙي ادبي نقطهءِ نظر کان اعليٰ پايه جي آهي. هتي اِهو ڏسڻ ضروري آهي ته جنهن مسئلي کي گرهوڙي بزرگ اوليت ٿو ڏي اُن جي ماهيت ڇا آهي.

مخدوم ابوالحسن ڏاهري لکي ٿو(٢): ”ازل الازال ۾ حق سبحانه و تعاليٰ هڪ واحد حقيقي موجود هو ۽ اُن سان ٻيو ڪجهه نه هو. سڀ ڪا شئي ڪُلي ۽

---

(١) گرهوڙي صاحب جي سنڌي ڪلام جا ڪُل چار ڇاپا نڪتا آهن: پهريون نواب چاڪرخان ١٩٠٤ع ۾ ليٿو ۾ ڇاپايو، ٻيون مولوي عبدالرحيم مگسي ١٩٣١ع ۾ ليٿو ۾ ڇاپايو؛ ٽيون پروفيسر علي نواز جتوئي ١٩٥٦ع ۾ ٽائيپ ۾ ڇاپايو ۽ چوٿون ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب ١٩٥٦ع مصري ٽائيپ ۾ ڇاپايو. هنن ڇاپن ۾ گرهوڙي صاحب جا بيت به شامل آهن. سڀني ڇاپن جي ترتيب ۾ گهڻو فرق آهي.

(٢) ينابيع الحيات الابديه (فارسي)، بحواله ڪلام گرهوڙي (ص ص ٤٠ – ٤١ سمجهاڻيون)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جزوي ازل کان ابد تائين سندس علم ۾ حاضر هئي ،
انهن علمي صورتن کي **اعيان ثابة** چوندا آهن ، اِنهن
مان پهرين حضور جن جي صورت هئي - جنهن کي
حقيقت محمدي يا حقيقت الحقائق چوندا آهن؛ پوءِ الله
تعاليٰ پنهنجي ارادت ۽ علم موافق کنهن معين زماني
۾ حقيقت محمديءَ کي نهايت لطيف نوراني صورت ۾
**موجود** کيو، ۽ اهڙيءَ طرح **نورمحمدي** وجود ۾ آيو“.
هن جامع پر مختصر وصف کي اهلِ دل ۽ اهلِ نظر
تفصيل سان هيئين ريت بيان کيو آهي: ”خدا تعاليٰ
پهريائين ڳجهو خزانو هو. هر شي سندس علم ۾ هئي؛
ارادو کيائين ته ڳجهي خزاني بدران ظاهر خزانو ٿيان.
سڀ کان پهريائين جا حقيقت علم ۾ هيس سا حقيقت
محمدي هئي. پر اڃان کا به تخليق عمل ۾ نه آئي
هئي ، تنهن کري اِنهي معين عرصي کي **حقيقت
محمدي وارو دؤر** سڏجي ٿو. انهيءَ عرصي کان پوءِ
جڏهن ذات تعاليٰ حضور جن جو نور پيدا کيو ، ۽ نور
جي تخليق واري انهي دؤر کي **نور محمديءَ** سان
منسوب کيو وڃي ٿو. تنهن کانپوءِ جڏهن خود رسول
کريم صلعم جن انساني جامو زيب تن فرمائي هن

عالم خلق ۾ آيا، ۽ جيڪو وقت بشر جـي صورت ۾ هن ڪثرت منجهه موجود هئا ته آنهيءَ تئين دؤر کي **بشريت محمديءَ وارو دؤر** سڏجي ٿو. اِنهي اسرار تي ظاهري عالمن **نور ۽ بشر** جا جيڪي بحث، اختلاف ۽ مناظرا ڪڙا ڪيا آهن سو ڪو ساراهه جـوڳـو ڪم ڪونهي. بشريت وارو دؤر گذري ويو پاڻ ڪريم آن عرصي ۾ بشر هئا، پر سندن حقيقت کي عام بشر سان تعبير ڪرڻ عقل کان پري آهي. گرهوڙي صاحب هن حقيقت جي تهه ۾ وڃي حضرت آدم کي ٻه رسول ڪريم جن جو **ولد** ٿـو سڏي. ڪين بشير ٻـه سڏي ٿو، پر نه ظاهر پرستن وانگر- چوي ٿو ــ ع

بهشت باغ بشير جـي لاڳاپي لطفا،
بر ۾ جاءِ بشير جـي، آپ ڀونءِ اوطاقا،

حضور جن جو نـور ئـي آهي جنهن جي طفيل حضرت آدم جـي تخليق ٿـي. حضرت سلطان الاولياء خواجه محمد زمان لنواري وارو ته هن اسرار کي ڏسي حيرانيءَ ۾ آهي ــ ع

عجب جهڙي آهه، حقيقت حبيب جـي،
نڪيَ چئبو سو ڏٺي، نڪي مخلوقا،

شفق جي ساجاهه، جامع ليل و نهار کي.
پنهنجي مرشد جو مٿيون بيت تضمين ڪندي
چوي ٿو ـــ ع

اصل سڄڻ جي ماهيتين ماهيت محبوبا،
آگو چوءِ ۾ آن کي ۾ کي مخلوقا،
مدح ۾ محبوب جي هاتڪ حيرانـا،
حقيقت حبيب جي عجب جهڙي آهه،
جامع اليل نهار کي شفق جي ساجاهه،
عقل اوراهون رهي احمد عاليجاه،
جهڙو صورت سفرو تهڙو منجهه معنيٰ،
آدم ولد انجو توڙي والد آهه،
والد آهه وڻ جڻن ميوو مولوداء،
ذرو زليخا سريو سيد سونهن منجهاء،
مهتر يوسف مڱيو حسن حبيبن کان،
پنهون راڻي پنيو، جوت جانب مان.

گرهوڙي صاحب پڊري پٽ رسول ڪريم جن جي
نور کي هر شئي جو منبع سڏي ٿو. حقيقت محمدي
کي گرهوڙي صاحب پڻ ڪل ڳالهين جو منبع ۽ بنياد
سڏيو آهي. ڪن حلقن ۾ حقيقت محمدي جي غلط ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مبهم تشريح ٻه ڪئي ويئي آهي. ڊاڪٽر دائود پوٽو لکي ٿو: ”حقيقت محمديءَ جو تخيل يا عقيدو اوائلِ اسلام ۾ پيدا ٿيو، آنجو ڪارڻ موضوع يا ضعيف حديثون آهن، جي پهريائين اهل التشيع ۾ مشهور ٿيون، ۽ رفتي رفتي اهل السنت الجماعه ۾ به سرايت ڪري ويون. انهن سڀني جو بنياد ڪرستاني لاگاس يا ڪلمي، سخن يا شبد تي ٻڌل آهي، ڇاڪاڻ ته ڪرستان حضرت عيسىٰ کي ڪلمة الله ڪري مڃيندا آهن(١).“

ساڳئي وقت موصوف حقيقت محمديءَ کي زردشت جي تعليم سان منسوب ڪيو آهي. هن اسرار کي تخيل سڏي آنجو بنياد ڪن جڙتو حديثن تي ڄاڻائي موضوع سان انصاف نه ڪيو آهي. سندس اشارو غالباً هن حديث ڏانهن آهي، ’اول ما خلق الله نوري‘. وري ٻي حديث آهي: ’اول ما خلق الله عقل‘ هنن حديثن جي سمجهاڻي حضرت مجدد الف ثاني ’مڪتوبات‘ (٢) ۾ واضح طور ڏني آهي، اسرار و معاني جو بيان ڪندي فرمائين ٿا ته: ”انهن ٻنهي حديثن ۾ ڪو به فرق ڪونهي؛

---

(١) دائود پوٽو: ڪلام گرهوڙي، ص ٣٤ (سمجهاڻيون)

(٢) مڪتوبات، جلد ٣ خط ٧٦.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻنهي جو مطلب هڪ آهي. حضور پاڪ جن جو **نور** سراسر **عقل** آهي، نور جي وصف آهي ڇپيل شين کي ظاهر ڪرڻ."

متين ۽ مختصر وضاحت ڪان وڌيڪ حقيقت محمدي جي ماهيت بابت ڪجهہ اهل دل ئي چئي سگهن ٿا، جن کي حضرت بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني رحمة الله عليہ وانگر، تن ۾ هيءَ طلب آهي—ع

آن ڪس ڪہ ترا شناخت جان را چہ ڪند؟
فرزند و عيال و خانمان را چہ ڪند؟
ديوانہ ڪني و هر دو جهانش بديهي،
ديوانہٴ تو هردو جهان راچہ ڪند؟

اهڙا ڏٺيءَ ڏٺا، جيڪي وحدت جي واديءَ ۾ غرق آهن تن کي جواب بہ سهڻو ملي ٿو. چي: "بادرد بساز ڪہ آشنائے تو منم". اهي ئي حقائق ۽ معارف کي سمجهن ٿا. پيا بقول حافظ: "چون نہ ديدند حقيقت رہ افسانہ زدند" چاچر ۾ ڇيرون ٿا ڪن.

حقيقت محمديءَ کانسواءِ وحدت جو بيان بہ گرهوڙي صاحب خوب ڪيو آهي؛ فرمائي ٿو تہ: "ڏٺيءَ سواءِ پيو ڪو بہ دنيا تي قادر نہ آهي"—ع

جوڳو عبادت جو ڪونهي رب سوا،
ڪنهن کي روا ناهه ڪا پرور ري پوڄا،

تفسيرن ۾ سوره فاتح، اخلاص، تبارڪ ۽ انا اعطينا جو مطلب، تشبيهن ۽ استعارن جي چاشنيءَ سان سمجهايو اٿس. سوره فاتح کي قرآن شريف جو بنياد ڄاڻي، پيو سڀ ان جي معنيٰ ۾ ڄاڻائي ٿو ـــ ع

ماءُ ڪل قرآن جي فاتح سوره چون،
پيو سڀ تنهن سور جي معنيٰ منجهه ڀڄهن،
جن پروڙيو تنهن سور کي ڪَرَسڀ پروڙيو تن.

”سوره اخلاص“ جي شروعات ۾ ترجمي جا پورا لوازما ۽ اصول ادا ڪيا اٿس ـــ ع

محمد چئو ماڻهن کي هن پر ڳالهه ڀڏن،
الله آهي هڪڙو جهڙس ڪونه ڪهن،
هيڏو ههڙو هيترو قادر ڪيم چون.

اهڙيءَ طرح تفسيرن ۾ زبان نهايت روان ۽ شسته ڪم آندي اٿس. سنڌي عقائد واريءَ توڙي سٽن فرضن واريءَ ۾ هن فصاحت ۽ بلاغت کي هٿان نه ڇڏيو آهي، فرضن لاءِ تمهيد طور جوي ٿو ـــ ع

ست فرض انسان تي لازم لکن ٿا،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جني چڏيو هڪڙو تن تي عذابا ،
ڪلمون حج زڪواة چوٿون روزو نمازا ،
ڇهون چڏڻ حرام جو ستون سڪ او امراء .

عقائد ۾ قيامت جو بيان ڪيو اٿس. ڪشف نالي ڪتاب جو حوالو ڏيندي چوي ٿو ــ ع

آهي ڪشف ڪتاب ۾ اهڙي پچارا ،
تيرهن سو جي اول ۾ تنهنجو ظهورا
ست وره تنهنجي سڪ ۾ عالم آراما ،
پر حياتيءَ ۾ ان جي ايندو دجالا(١)
جو آهي ڪافر بجڙو چائيندو (٢) الله .

ترڪي واري سنڌيءَ ۾ اهو وضاحت سان فقهه جي ڪتابن جي بنياد تي چاڙهايو اٿس ته ڪهڙا عزيز فوتيءَ جي ملڪيت جا وارث ٿي سگهن ٿا. انهيءَ ضمن ۾ دلائل سان سير حاصل بحث ڪيو اٿس . هي هڪ شرعي مسئلو آهي تنهنڪري بزرگ ان جي سمجهاڻي ڏني آهي ، نه ته هو مسڪين ٿي مرڻ ڪي پسند ٿو ڪري .

---

ت ڊاڪٽر دائود پوٽي علمي بحث ڪيو آهي. ڏسو: "ڪلام گرهوڙي"، ١٠-٥٢-٦٣٤٥٢ صفحن تي سمجهاڻيون.

(٢) چوائيندو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گرهوڙي صاحب پنهنجي ڪلام ۾ وقت جي مروج ۽ لاڙي محاوري واري زبان ڪم آندي آهي. آن ۾ سريلي محاوري جو ته خير پر وچولي واري محاوري جو به ڪو اهڃاڻ نه آهي. نحوي بناوتون به نج لاڙي اٿس؛ مثال طور ـــ ع

ڪنهن جي ڪل نه ڪنهن کي پانهنجي هول وچا،
مگر هوندا مؤمن متقي منجهه پــاڇــو ئي عرشا،
ڪنهن کي ڪيم ذڪوءِ تــون آگي جي ادبا،
حق م يچهه ڪنهنجو جـــي ڏئيــن ڪي گهران،

---

ڪافر ڪريو پــونــدا، وڃيــو پير وچا،
جيڪو طبقو هيٺ گهٽو سـو اڳــرو عذابا،

انهيءَ سان گــڏ گرهوڙي صاحب وٽ لفظن جو سچو ذخيرو لاڙي آهي. وٽس بي ساختگي گهڻي آهي. زبان ۾ روانــي اٿس، آن ڪري سندس سنڌي وزن تي پوري ۽ پختي آهي. وٽس لفظن جو جيڪو ذخيرو آهي تنهن‌سان ڪي چند لفظ هي آهن، جيڪي نج لاڙي آهن:

پانجو، آپيندا، چوُندو، مهندا، هوُن، ماڳهين، هوئيج، اچيج، ڪاپڙيين.

گرهوڙي صاحب جي 'سنڌيءَ' ۾ سڀ معنوي ۽ صوري خوبيون موجود آهن. سنڌس "سنڌي" ڪامل نظم جي معيار تي پوري آهي. ڪانئس پوءِ انهيءَ پايي جو نظم نويس ڪو ورلي ٿيو آهي.

**انتخاب:-** هن هيٺ گرهوڙيءَ بزرگ جي 'سنڌيءَ' مان چوند ٽڪرا ڏجن ٿا ــ

اسم سائين الله جي سيئي ٿوڪ ٿيا،
جو خالق مخلوقن جو رهبر رحيما،
صلواتون سرور اتي، جو جوهر جهانا،
آل احمد پيڙيون پارس ڏيهه ڏيا،
ڪي ٿيا عاشق ڪوڙيا سالڪ سچارا،
جي سدا شوق شفيع جي پڇن پروانا،
وڏا طالع تن جا جي سڪن سيد لاءِ،
سڪڻ سچائڻ ري محض محالي آهه،
ڪون سچائي ڪڏهه هوت هنئين ڏارا،
سي ڪئن سچائن سپرين جني قلب ستا،
سڏي صورت ظاهري آين آراما،
دار دنيا جو چڏي لنگهه لقاپور ڏانهه،
جي دنيا دار ۾ پرين ٿيا پڌرا،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ته هوند نه رهيو هڪڙو ڪافر منجهه ڪفرا،
لالن لقاپور رهي پڌر پاچويا،
آهي ڏسن انکي جي انهي ڏيهه ويا،
پيا سڀ سٺن ڳالهيون ڪي پسن پاچويا،
ڳڙ نه سچا پيي ڳالهئين جان جان ڳڙ نه کاءُ .

---

اصل مڙني ماهيتين ماهيت محبوبا،
آڳو ڇئو ۾ انکي ۾ ڪي مخلوقا
ملڪ ماڳ نه هوت جي پريون پينارا،
مور نه آهي ملڪ ۾ سيد شريڪا،
پڌرو پڌمن ۾ تئي عدد مور نه آهه،
حسن جوهر هيڪڙو ڪثرت جاء نه ڪا،
ناهه جهجهائي جوت ۾ توڙي ڏه لک تئي ڏيا،
سرور آخر صورتين مهڙ منجهه معنا،
اصل عالم مون پريں علت ايجادا،
آدم ولد انجو توڙي والد آهه،
والد آهه وڻ جئن ميوو مولودا،
اوّلُ الفڪر آخرُ العمل پرين پاراها،
پاٿان سونهن مون پرين پيا سڀ اِن سببا،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نرمل نوري پاڻ ۾ پين نور اِتا ،
سچي سونهن شفيع جي پين هوت هتان ،
مگر محمد ڇام ڪان ڪي حسن هٽ ڪندا ،
حقيقت حبيب جـي پسندي پـُر ٿيا ،
ماهيت محمد شاه جـي اهڙي عجيبا ،
صلحي ساڻس سڪ ۾ ٻر ٻر ٻين لاءِ ،
ملڪن آدم محيو سيـد جـي سببا ،
پيڙي طوفانان نـڳـي نرمل جي نظرا ،
متي در دوستن جي درسـن دائودا ،
شوڪت سليمان ڪي نوري جي نظرا ،
قدرت قريبـن جي قيـريو فرعونـا ،

---

جيڪي خالق خلقيو سڀ سو مسلم ڪن ،
ٻاهتر فريقن گمراهه ٿيا مسلم وچون تن ،
جنين ميل ظاهر ڏي سي ياڻر يهودين ،
جنين ميل باطل ڏي سي جهڙا نصارن ،
مسلم وچون واٽ تن وحدت ۾ وهسن ،

---

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿ سگهيٺا جنهن جا آهو هٿ هوندو،
محمد حسن معنوي صوري شيطانو.

---

واحد آهي وهيون، ور سگ واحد سين ڪن،
گولو وفا نہ ڪري، ٻڪيا بار ٿين،
سگ سرهو رب جو پيا سگ سور ٿين،
سگ سرهو ساجن جو، ٻنهون هٿ ڏوڀن،
حمد لائق حق ڪي، جو خالق ڪل خلقن،
خالق ڏنيون خوبيون سڀني مخلوقن،
ساراهجي مخلوق تہ ساراهہ رب سمجهن،
ڪُنان ڪنيارن سڦرا تہ آوء سڦرائي آن،
پاڻيءَ چنڊ چمڪيو تہ ايءَ آهي سونهن آين،
ٻجهن وارن ٻجهيو، ٻجهيو تان نہ ٻين،
نچڻ وارا پولڙا اڳيان استادن،
مالڪ مڙني مون ڏٺي، واري تئن ورن،
خالق جي خلقت کي ٻجڙو ڪين ڪهن،
أحسَنَ كُلَّ شَيءٍ خَلَقَهُ سيو هنڌ حمدن،
ڏوهارين ري ڏيهہ ۾ سڪر نہ سڃاپن،
اوندهہ ڏاران سڄ جو کهڙو قدر تن،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوزخ ڏاران دمڙي بهشت نہ ٻها لهن،
علم مڙوئي آن کي مر ملڪ منجهہ پسن،
قدرت ڪلي رب جي عاقل ائين سمجهن.
ڪامل ڪاتي پنهنجي هاتڪ چڙهہ هتان،
جيڪي تو آڏو اچي هلندي حبيبا،
اتڪ وجهي وات ۾ ڪڍهن ڪنهن طرحا.

---

جنين توسين نہ وٽي، توٽي منورا،
توڙان تنهنجي روش ۾ راضي جي نہ رهيا،
ڪونهي اصل انجو بيخ نہ بنيادا،
ابتر اياڳا ٿيا خالي خير ڪنا،
ناهہ پاڇاندو وڻ تنهين جنهن بيخ نہ بنيادا،
اصل عالم تون ٿئين ڇنان توهم ڪان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ببليو گرافي

هن مقالي جي تياريءَ لاءِ خاص طور هيٺيان ڪتاب اپياس ۾ رهيا.

## سنڌي ڪتاب


١. مير علي شير قانع : تحفة الڪرام (سنڌي)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٥٧ع.

٢. مولائي شيدائي : جنت السنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد - ڪراچي، ١٩٥٨ع.

٣. رائچند هريجن : تاريخ ريگستان، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي، ١٩٥٦ع.

٤. محمد صديق ميمڻ : سنڌ جي ادبي تاريخ، ڀاڱو پهريون، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد، ١٩٣٧ع.

٥. لطف الله بدوي : تذڪره لطفي، ڀاڱو پهريون، ڇاپو ٻيو، آر. ايڇ. احمد برادرس حيدرآباد، ١٩٥٦-٥٥ع


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦. عبدالحسين موسوي
ءِ محمد ابراهيم
عباسي : **سرهاڻ**، سنڌ پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، ١٩٥٨ع
٧. جهمٽمل ڀاوناڻي : **چنڊ سڳنڌ**، هندو پريس، اجمير، ١٩٥٣ع
٨. جهمٽمل ڀاوناڻي : **ڍولا مارو**، هندوستان ساهتيه مالا، بمبئي، ١٩٥٦ع.
٩. ايڇ-ايم- گربخشاڻي: **شاهه جو رسالو**، ڀاڱو پهريون، ڪمشنر جو ڇاپخانو، ڪراچي ١٩٢٣ع.
١٠. ڪلياڻ آڏواڻي : **شاهه جو رسالو**، هندوستان ڪتاب گهر، بمبئي، ١٩٥٨ع.
١١. ڊاڪٽر نبي بخش
خان بلوچ : **معجزا**، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٦٠ع.
١٢. ڊاڪٽر نبي بخش
خان بلوچ : **مناقبا**، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٦٠ع.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٣. الله بچايو سمون : سير لاڙ، مادرن سنڌ پبلشنگ هائوس، ڪراچي.

١٤. ايڇ-ايم- گربخشاڻي: لنواريءَ جا لال، ايجوڪيشنل پبلشنگ ڪمپني، ڪراچي، ١٩٣٤ع.

١٥. عمر محمد دائود پوٽو: ڪلام گرهوڙي، سنڌي ادبي سوسائٽي، ڪراچي، ١٩٥٦ع.

١٦. علي نواز جتوئي : سنڌي ڪلام مٿين عبدالرحيم گرهوڙيءَ جو، آزاد بوڪ ڊيپو، حيدرآباد، ١٩٥٦ع.

١٧. ڄام ڪانيو خان : سنڌي مٿين عبدالرحيم جي، ڪراچي، ١٩٠٤ع.

١٨. مخدوم عبدالله : ڪنزالعبرت، ايجوڪيشنل پريس، ڪراچي، ١٩٦١ع.

## اردو ڪتاب

١٩. اعجاز الحق قدوسي: تذڪره صوفيائے سنڌھ، اردو اڪيڊمي ڪراچي، ١٩٥٩ع.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢٠. غلام رسول مهر : **تاريخ سنڌ عهد ڪلهوڙا**، ٢ جلد، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڪراچي، ١٩٥٨ع.

## فارسي ڪتاب

٢١. ميرعلي شير قانع : **مقالات الشعراء**، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي، ١٩٥٧ع.

## عربي ڪتاب

٢٢. مخدوم محمد معين : **دراسات اللبيب**، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڪراچي، ١٩٥٧ع.

## انگريزي ڪتاب

23. Sorley, H.T.: **SHAH ABDUL LATIF OF BHIT,** Oxford University Press, London, 1940

24. Rao, V. N.; **Classical Hindi Poetry and Music,** Pioneer Press, Allahabad, 1922.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مسٽر عبدالجبار جوڻيجو

هن ڪتاب جي مصنف مسٽر عبدالجبار جوڻيجي جي ولادت ٢٦ نومبر ١٩٣٥ع تي، ڳوٺ پير فتح شاهه، تعلقي بدين ۾ ٿي. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ورتائين. ١٩٦٠ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي-اي (آنرز)، ۽ ١٩٦٢ع ۾ سنڌيءَ ۾ ايم-اي ڪيائين، جنهن ۾ چانسلر جو گولڊ ميڊل حاصل ڪيائين. ١٩٦٥ع ۾ پيڪنگ روانو ٿيو، جتي عوامي جمهوريه چين مان چيني زبان جو ڊپلوما امتيازي حيثيت سان پاس ڪيائين.

١٩٦٢ع کان وٺي سنڌي شعبي، سنڌ يونيورسٽيءَ، سان استاد جي حيثيت ۾ وابسته آهي. سندس هيٺيان ڪتاب شايع ٿيل آهن:

١- سوڪڙي (ٻيتن ۽ افسانن جو مجموعو) ١٩٥٦ع
٢- اباڻو گهر (افسانن جو مجموعو) ١٩٥٨ع
٣- دانشمندي (ايڊٽ ڪيل) ١٩٥٨ع
٤- ڪنزاللطيف (شاهه جي شارحن بابت) ١٩٦١ع
٥- سوري آ سينگار (ناول) ١٩٦٣ع
٦- غزلن جو غنچو (ايڊٽ ڪيل) ١٩٦٣ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book